جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 16 | سومر 21 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 08 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 340

حڪومت سچي سنڌ ۾ تعليمي انفراسٽرڪچر کي وڌائڻ لاءِ غير معمولي سيڙپڪاري ڪئي آهي: مراد شاهه

سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپروومينٽ پروجيڪٽ (ايس ايس اي آءِ پي) تحت هر نئين تعمير ٿيل ۽ مرمت ٿيل اسڪول کي افتتاح جي پهرين ڏينهن تي مڪمل طور تي فعال بڻائي سگهجي

اهي منصوبا لڳ ڀڳ 250,000 ٻارن لاءِ تعليمي موقعا پيدا ڪندا. ان ۾ ٻوڏ متاثر ضلعن جا 221,000 کان وڌيڪ شاگرد شامل آهن، 28,000 کان وڌيڪ شاگرد نون اپ گريڊ ٿيل سيڪنڊري اسڪولن ۾ داخل ٿيندا

انهن مان گهڻا ٻار انهن اسڪولن جي آس پاس وارن علائقن مان داخل ڪيا ويندا جتي معياري تعليم تائين رسائي اڃا تائين محدود آهي، ڊسمبر 2026 تائين 257 اسڪول مڪمل ٿيڻ جو شيڊول آهي

جون 2027 تائين مڪمل ٿيندڙ اسڪولن جو ڪل تعداد 611 تائين پهچي ويندو. باقي اسڪولن کي 2027 جي آخر تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي

هاڻي ايندڙ چئلينج اهو يقيني بڻائڻ آهي تہ شاگردن کي انهن اسڪولن ۾ داخلا ڏني وڃي ۽ اهي ادارا صوبي ۾ خواندگي ۽ تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

اسان جو مقصد صرف اسڪول جون عمارتون تعمير ڪرڻ ناهي. اسان کي يقيني بڻائڻو آهي تہ هر ڪلاس روم سکڻ لاءِ تيار ٻارن سان ڀريل هجي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، ضلعي انتظاميا ۽ ايجوڪيشن مئنيجمينٽ آرگنائيزيشنز (اي ايم اوز) کي هدايت ڪئي تہ اهي هڪ وڏي پيماني تي عوامي رسائي ۽ داخلا مهم شروع ڪن، تہ جيئن سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپروومينٽ پروجيڪٽ (ايس ايس اي آءِ پي) تحت هر نئين تعمير ٿيل ۽ مرمت ٿيل اسڪول کي افتت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف سي اسپارڪ 2026ع ۾ شريڪ اهلڪارن سان ملاقات

راولپنڊي (م د) نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف نشان امتياز(ملٽري)، تمغہ بصالت، مشق سي اسپارڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

وفاقي گهرو وزير جي شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي گهر آمد، فاتحه خواني ڪئي

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي وطن عزيز جي بهادر سپوت شهيد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پرڏيهي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل طور تي خاتمو ڪيو ويندو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف قلات ويجهو نيشنل هاءِ وي(اين– 25) تي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو

سيڪيورٽي فورسز وقت سر اثرائتي ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي انجام تائين پهچايو، اغوا ڪيل 23 ماڻهن کي حفاظت سان بازياب ڪرايو، اها ڪارروائي واکاڻ جوڳي آهي

دهشتگردن پاران قومي شاهراه تي عوام جي اچ وڃ کي متاثر ڪرڻ، ڀُنگ لاءِ اغوا ڪرڻ، ڀِتو وٺڻ ۽ گاڏيون ڦرڻ جي ڪوشش کي سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪارروائي ذريعي ناڪام بڻايو

دهشتگردن جي قبضي مان 6 ٽرڪون، 3 بسون ۽ 2 گاڏيون پڻ هٿ ڪيون آهن، وڏي تعداد ۾ هٿيار، ڌماڪيدار مادو پڻ هٿ آيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف سيڪيورٽي فورسز جي پيشورانہ صلاحيتن جي واکاڻ آپريشن عزم استحڪام تحت دهشتگردي خلاف فيصلائتيون ڪارروايون جاري رهنديون

صدر دهشتگردن جي نڪاڻن مان اغوا ٿيل ماڻهن کي حفاظت سان بازياب ڪرائڻ، ٽرڪون، بسون ۽ گاڏيون هٿ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف قلات ويجهو نيشنل هاءِ وي(اين – 25) تي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. آچر تي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو تہ سيڪيورٽي فورسز وقت سر اثرائتي ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي انجام تائين پهچايو اغوا ڪيل 23 ماڻهن ک/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

قلات ۾ ڪارروائي، 5 دهشتگرد مارجي ويا، 23 مغوي بازياب

سڪيورٽي فورسز بروقت ڪارروائي ڪري دهشتگردن جي نڪاٽي مان 23 اغوا ٿيل ماڻهن کي باحفاظت بازياب ڪرائي ورتو

دهشتگردن اغوا، ڀتا خوري ۽ گاڏيون ڦرڻ لاءِ چيڪ پوسٽ قائم ڪري رکي هئي. دهشتگردن جي نڪاٽي مان 6 ٽرڪون، 3 بسون ۽ 2 ڪارون هٿ ڪيون ويون

خاران ۾ دهشتگردن مسافر گاڏيءَ تي آءِ اي ڊي (IED)حملو ڪيو جنهن سان 10 مزدور زخمي ٿي پيا

قلات (م د) سڪيورٽي فورسز قلات ويجهو اين۔ 25 (N_25) تي دهشتگردن جي عام رفت و آمد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

جماعت اسلامي جو سپر لانگ مارچ حافظ نعيم جي اڳواڻي ۾ ڪراچي کان اسلام آباد لاءِ روانو

ڪراچي کان سپر لانگ مارچ رحمان بابا ايڪسپريس ٽرين ذريعي حافظ نعيم الرحمان ۽ منعم ظفر خان جي اڳواڻي ۾ ڪينٽ اسٽيشن کان روانو ٿيو

جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي ٽرين مارچ ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جو سپر لانگ مارچ ڪان ڪراچي کان ٽرين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: جماعت اسلامي جو سپر لانگ مارچ حافظ نعيم جي اڳواڻي ۾ ڪراچي کان اسلام آباد لاءِ روانو

ايران پاران ڳالهين جي بحالي ۽ جنگ جي خاتمي لاءِ 3 شرطون پيش

منجمد ڪيل ايراني اثاثن جي آزادي ۽ آمريڪي بحري ناڪبندي (ناڪہ بندي) ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

ايران قطر جي وچورتي ڪندڙ سان مسلسل رابطي ۾ آهي، جنهن تران جا مطالبا واشنگٽن تائين پهچائي ڇڏيا آهن

تهران (م د) ايراني قومي سلامتي ڪائونسل جي سيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني پاران جهلم ۾ پيٽرول پمپس جو دورو

شهباز شريف جي عوام کي سستي پيٽرول جي فراهمي جي جاري عمل جو مشاهدو ڪيو

6 ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪليل ڪچهري ۾ عوام جون شڪايتون ٻڌي موقعي تي مسئلن جي حل لاءِ حڪم جاري ڪيا

اسلام آباد (بيورو)ناڻي ۽ ريلوي بابت مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني جهلم ۾ پيٽرول پمپس جو دورو ڪيو ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پاڪستان ۾ ذهني، اعصابي ۽ منشيات جي استعمال بابت بيمارين جو بار نمايان آهي: ڊاڪٽر مختار احمد

اسلام آباد (بيورو) صحت واري مملڪتي وزير ڊاڪٽر مختار احمد ڀرٽ جي صدارت هيٺ اجلاس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سنڌ ۽ هونان سسٽر صوبن جي ليٽر آف انٽريسٽ تي صحيحون

سنڌ ۽ هونان سسٽر صوبن جي ليٽر آف انٽريسٽ تي صحيحن جي ذريعي سهڪار کي مضبوط بڻائي ورتو

ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ هونان فارن افيئرز جي ڊائريڪٽر جنرل محترمہ گوونگ صحيحون ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ عوامي جمهوريہ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيني ڪمپني جو دورو ڪندي

عمران خان جي ڀيڻ عليمہ خان کي لاهور پوليس گرفتار ڪري ورتو

پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻ عليمہ خان کي لاهور مان انهي وقت گرفتار ڪيو ويو

لاهور (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀيڻ عليمہ خان کي لاهور پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب پي ٽي آءِ باني عمران خان جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ حڪومت ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ ۽ معيار ۾ ٿي تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي: ناصر شاهه

موقعي تي مختلف منصوبن جو مسلسل جائزو وٺڻ جو مقصد ڪم جي رفتار ۽ معيار جي سڌي طرح نگراني ڪرڻ آهي. ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ مقرر وقت کان اڳ مڪمل ٿيندڙ منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي

ڪراچي ۾ ڪيترن ئي ننڍين ۽ وڏن روڊن جي تعمير ۽ بحالي تي ڪم جاري آهي، سنڌ حڪومت ترقياتي منصوبن لاءِ فنڊ فراهم ڪيا آهن

ايف ڊبليو او سميت لاڳاپيل ادارن کي ڪراچي ۾ اهم منصوبن جي ذميواري ڏني وئي آهي ۽ حڪومت چاهي ٿي تہ انهن منصوبن جا نتيجا جلد کان جلد ماڻهن تائين پهچي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ ڪراچي جي اسڪيم 33، ملير ميمڻ ڳوٺ ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن جو دورو ڪيو تہ جيئن روڊ جي تعمير ۽ ٻين منصوبن جي پيش رفت جو جائزو وٺي سگهجي. ان موقعي تي ڊي جي ڪي ڊي اي زين العابدين انصاري ۽ لاڳاپيل عملدارن صوبائي وزير/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

وچ اوڀر ڇڪتاڻ: آمريڪي شهرين کي ايران ڇڏڻ جو حڪم، عراق، لبنان، شام جي حوالي سان بہ الرٽ جاري

خطي جي ڇڪتاڻ اري صورتحال سبب غير امڪاني صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي : آمريڪي اختيار

آمريڪي شهرين کي سعودي عرب جي سفر جي حوالي سان احتياط ڪرڻ گهرجي. اهو الرٽ اهڙي وقت ۾ جاري ڪيو ويو آهي

يمني حوثين ڪجهه وقت کان سعودي عرب تي حملن جو سلسلو شروع ڪري رکيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي فوتگيون ٿيون آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي سفارتخانن يمن جي حوثين جي حملن سبب وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي نظر ۾ رکندي پنهنجن شهرين جي لاءِ سيڪيورٽي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي، مصر جي سرڪاري نيوز ايجنسي مينا موجب اهو الرٽ اردن، ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قوم سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي: گهرو وزير

وفاقي وزير محسن نقوي قلات ۾ اين_25 تي فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز تي خراج تحسين پيش ڪيو

هنن 5 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪري 23 مغوين کي آزاد ڪرائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي ساراهيو

سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪارروائي ڪري فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن جي ناپاڪ عزمن کي ناڪام بڻايو

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي قلات ۾ اين_25 تي فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز تي خراج تحسين پيش ڪيو آهي، هنن 5 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪري 23 مغوين کي آزاد ڪرائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي ساراهيو. گهرو وزارت پاران جاري بيان مطابق گهرو و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ حڪومت نوجوانن کي نوان موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي: منور علي مهيسر

هڪ لک نوجوانن کي سنڌ يوٿ ڪارڊ فراهم ڪيو ويندو، جنهن ذريعي انهن کي مختلف سهولتن ۽ موقعن سان ڳنڍيو ويندو

نوجوانن کي سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي سان رابطي ۾ رهڻ گهرجي ۽ موجود موقعن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي

سنڌ حڪومت جي سنڌ راندين جي پاليسي 2026 کي باضابطہ طور تي لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت اي_اسپورٽس، روايتي، ثقافتي ۽ جديد راندين کي فروغ ڏنو ويندو

تنهن ڪري سنڌ حڪومت راندين جي فروغ ۽ رانديگرن کي وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ جامع قدم کڻي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي، سنڌ حڪومت، راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران منعقد ڪيل ٻن ڏينهن وارو پهريون سنڌ نوجوان موقع فيسٽيول لاڙڪاڻي ۾ ختم ٿي ويو. اختتامي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

جنگشاهي ۾ زمينن تي مبينا قبضا ۽ جعلي ڪاتن خلاف احتجاج، بيواهه آمنت خاتون پاران اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل

جنگشاهي، ديهہ ٻتو ڪاڏي ۽ ديهہ هاليجي سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سرڪاري توڙي مقامي ماڻهن جي ابن ڏاڏن کان هلندڙ زمينن تي مبينا قبضا

روينيو رڪارڊ ۾ ڦيرڦار ۽ مبينا جعلي ڪاتا تيار ڪرڻ جي الزامن خلاف علائقي واسين ۾ سخت بيچيني پکڙجي وئي، متاثر بيواهه مسمات آمنت خاتون ۽ ٻين عورتن، ٻارن ۽ ڳوٺاڻن سان گڏ احتجاج

سندس ابن ڏاڏن جي ملڪيت واري زمين بابت مبينا طور روينيو رڪارڊ ۾ ڦيرڦار ڪري زمينون ٻين جي نالن تي ڏيکارڻ، مبينا جعلي ڪاتا تيار ڪرڻ ۽ بعد ۾ زمينن تي قبضو ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن: بيواهه آمنت خاتون

A.Y. ڪمپني مبينا طور تي پاڪ آرمي جو نالو استعمال ڪري ڪجهہ ڌريون مقامي مبينا دلالن جي ذريعي روينيو کاتي سان ملي ڀڳت ڪري زمينن بابت رڪارڊ ۽ دستاويزن ۾ مبينا تبديليون ڪرائي رهيون آهن: متاثر

انهن الزامن جي آزاد ۽ شفاف جاچ ڪرائي اصل حقيقت سامهون آندي وڃي زمين تي مبينا قبضي جي خبر پوڻ کان پوءِ هوءَ سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ۽ ڪيس بہ پيرا صحت جا سنگين مسئلا پيش آيا

نسلن کان هاليجي، ٻتو ڪاڏي، هالات ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ آباد آهن ۽ زمينون سندن ابن ڏاڏن جي دور کان قبضي ۽ استعمال ۾ رهيون آهن

ٺٽو/جنگشاهي (رپورٽ واحدشورو/ غلام حسين شاهہ)جنگشاهي: ديهہ ٻتو ڪاڏي ۽ ديهہ هاليجي ۾ زمينن تي مبينا قبضا ۽ جعلي ڪاتن خلاف احتجاج، بيواهہ آمنت خاتون پاران اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل جنگشاهي، ديهہ ٻتو ڪاڏي ۽ ديهہ هاليجي سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سرڪاري توڙي مقامي ماڻهن جي ابن ڏاڏن کان هلندڙ زمينن تي مبينا قبضا، روينيو رڪارڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

حڪومت بجلي جي خريداري کان ٻاهر ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، صارفين هاڻ بجلي پاڻ خريد ڪري سگهندا: اويس لغاري

حڪومت اڄ کان بجلي جي خريداري کان عملي طور تي ٻاهر ٿي رهي آهي

ڪنهن کي بہ حق نہ هوندو تہ حڪومت کي بجلي وڪرو ڪري سگهي ۽ نہ حڪومت خريد ڪري سگهندي

عوام کي سستي بجلي جي فراهمي اولين ترجيح آهي، ايندڙ پنجن سالن ۾ 800 ميگاواٽ بجلي جي نيلامي ڪئي ويندي

ڪاروباري ادارا ۽ صنعتون هڪ جهڙن بنيادن تي پاور پلانٽس کان بجلي خريد ڪري سگهندا

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير توانائي اويس احمد خان لغاري چيو آهي تہ حڪومت اڄ کان بجلي جي خريداري کان عملي طور تي ٻاهر ٿي رهي آهي، ڪنهن کي بہ حق نہ هوندو تہ حڪومت کي بجلي وڪرو ڪري سگهي ۽ نہ حڪومت خريد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

مير مرتضيٰ ڀٽو جي 30هين ورسي، جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي حاضري

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي پٽ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو قافلي جي صورت ۾ مزار تي حاضري ڀري

جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي مزار تي پهچي والد جي مزار کي جهڪي چمي ڏني

نئون ديرو (م د) قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پڳدار پٽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي 30هين ورسي اڄ ملهائي پئي وڃي. قافلن جي آمد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

باڪو ۾ پاڪستاني سفارتخاني پاران قومي لباس جي ڏينهن جي تقريب ۾ ڀرپور شرڪت

باڪو (م د) آذربائيجان جي گادي واري شهر باڪو ۾ پاڪستان جي سفارتخاني هتي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

سنڌ ۽ پاڪستان جي صحافين، اديبن، دانشورن پاڪستان ۾ شروع ڪيل صوبن جي ورهاست ۽ نون انتظامي يونٽن جي مهم کي رد

سنڌي ايسوسيئيشن آف يورپ طرفان ملڪ ۾ انتظامي يونٽن جي قيام ۽ سنڌ جي مجوزہ تقسيم بابت ڪرايل سيمينار کي خطاب

وزير داخلا طرفان اهيو چوڻ تہ ملڪي نظام جو ڍانچو ويهي رهيو آهي ان ڪري ملڪ ۾ نوان انتظامي يونٽ ٺاهڻا پوندا

مُلڪ ڪارڻ ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت، عوام دوست حڪمراني، قانون جي بالادستي ۽ ملڪ ۾ انصاف جو نہ هجڻ اصل سبب آهن

لنڊن (م د) سنڌ ۽ پاڪستان جي صحافين، اديبن ۽ دانشورن پاڪستان ۾ شروع ڪيل صوبن جي ورهاست ۽ نوان انتظامي يونٽن جي مجوزہ مهم کي مڪمل رد ڪندي چيو تہ ملڪ جي تاريخي وحدتن سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ ملڪ لاءِ خطر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

عمران خان جو اڏيالا جيل ۾ طبي معائنو مڪمل

اڏيالا جيل جو دورو ڪندڙ خاص طبي ٽيم رواني ٿي وئي آهي

طبي ٽيم جي مدد اڏيالا جيل اسپتال جي طبي عملي ڪئي

راولپنڊي (م د) راولپنڊي جي اڏيالا جيل ۾ پي ٽي آءِ باني جو طبي معائنو مڪمل ٿي ويو آهي، جيل ذريعن موجب، اڏيالا جيل جو دورو ڪند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

مري جي گيسٽ هائوس مان ڪدڙي فقير جي لاش هٿ

مقتول ٻن ڏينهن کان ان گيسٽ هائوس ۾ رهيل هو ۽ سندس ڳچيءَ تي تکي اوزار جو زخم موجود هو

موت جي حقيقي سبب جو تعين پوسٽ مارٽم ذريعي ڪيو ويندو

مري (رپورٽر) مري جي هڪ گيسٽ هائوس مان هڪ ٽرانس جينڊر جو لاش مليو آهي، پوليس موجب، مقتول ٻن ڏينهن کان ان گيسٽ هائوس ۾ رهيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

لاهور: پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀيڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

چيني ماهرن جي اهڙي ايجاد جيڪا ايئرڪنڊيشن جي ضرورت ختم ڪري ڇڏيندي

بيجنگ (م د) چين جي سائنسدانن اهڙي ايجاد تيار ڪري ڇڏي آهي جيڪا ايئر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ٽوڪيو سميت جاپان جي اوڀر وارن علائقن ۾ سامونڊي طوفان جو خدشو

ٽوڪيو (م د) هڪ طاقتور سامونڊي طوفان ڊوجوان سومر ۽ اڱاري تائين جاپان جي گادي وار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

آمريڪا اولهہ ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ موجود پنهنجي شهرين کي محتاط رهڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

واشنگٽن (م د) آمريڪي عملدارن اولهہ ايشيا جي ملڪن ۾ موجود پنهنجي سفارت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

لاهور: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني تقريب کي خطاب ڪندي

اسحاق ڊار گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نيويارڪ روانو

نائب وزيراعظم دوري دوران جمون ۽ ڪشمير تي او آءِ سي رابطا گروپ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو

جنهن دوران هو ڪشميرين کي سندن خود اراديت وارو حق ڏيارڻ لاءِ پاڪستان جي پختي عزم جي حمايت کي اجاگر ڪندو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آبا ڪا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

حيدرآباد بورڊ انٽر جا نتيجا پڌرا ڪري ڇڏيا، 7 شاگردن پوزيشنون حاصل ڪيون

ٻنهي گروپن ۾ ٽاپ پوزيشن حاصل ڪندڙ اميدوارن جا نالا پڻ جاري ڪيا ويا آهن

پري انجنيئرنگ گروپ ۾ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو غلام علي بدين جي شاگرد عبدالله پٽ ڪاشف علي پهرين پوزيشن حاصل ڪئي

محمد حميل پٽ ذوالفقار علي ۽ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول باقر جمالي جي عابده گڏيل طور ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي

حيدرآباد (رپورٽر) تعليمي بورڊ حيدرآباد پاران انٽرميڊيٽ سال ٻئي (HSC)پارٽ ٽو) جي پري انجنيئرنگ ۽ ڪمپيوٽر سائنس گروپن جي سالياني امتحان 2026ع جا نتيجا پڌرا ڪيا ويا آهن.ٻنهي گروپن ۾ ٽاپ پوزيشن حاصل ڪند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

سومر 21 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 08 ربيع الثاني 1448ھ

اختيارن جو ورهاڱو يا مزدور، آئين ۽ وفاقي ذميواري

ڪراچي مان سامهون آيل وفاقي وزير سيڙپڪاري قيصر احمد شيخ ۽ صوبائي وزير محنت سعيد غني جا بيان پاڪستان جي وفاقي ۽ صوبائي نظام، 18هين آئيني ترميم، معاشي ترقي ۽ مزدورن جي حقن بابت هڪ ئي وقت ڪيترن ئي بنيادي سوالن کي جنم ڏين ٿا. هڪ طرف وفاقي وزير جو چوڻ آهي ته 18هين ترميم جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي ۽ وڏا وزير پنهنجين ذميوارين کان اڳتي وڌي رهيا آهن، ته ٻي طرف صوبائي وزير محنت جو موقف آهي ته 18هين ترميم ڪانپوءِ به وفاق ورڪرز ويلفيئر فنڊ ۽ EOBI جهڙا معاملا صوبن حوالي نه ڪرڻ سبب سنڌ کي مالي نقصان پهچي رهيو آهي. انهن ٻنهي موقفن کي گڏ پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته اصل مسئلو رڳو اختيارن جي ورڇ جو ناهي، پر اختيار، ذميواري، وسيلن ۽ جوابدهي جي وچ ۾ توازن جو به آهي.

18هين آئيني ترميم جو بنيادي مقصد وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اختيارن جي ورڇ کي نئين شڪل ڏيڻ ۽ صوبائي خودمختياري کي مضبوط ڪرڻ هو ان ڪانپوءِ صوبن کي ڪيترن ئي شعبن ۾ وڌيڪ اختيار مليا، پر اختيارن سان گڏ عوام کي بهتر خدمتون ڏيڻ جي ذميواري به صوبائي حڪومتن تي وڌي. جيڪڏهن ڪو وفاقي وزير اهو چوي ٿو ته وڏا وزير 18هين ترميم جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن ته ان الزام کي سياسي بيان تائين محدود رکڻ بدران واضح مثالن، انگن اکرن ۽ قانوني نقطن سان سامهون آڻڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن صوبائي حڪومت جو موقف آهي ته وفاق اڃا تائين آئيني روح موجب ڪجهه وسيلا صوبن حوالي نه ڪري رهيو آهي ته ان بابت به واضح حساب ڪتاب، قانوني حيثيت ۽ مالي نقصان جا تفصيل عوام اڳيان رکڻ گهرجن. چو ته آئيني بحث جذبات ۽ سياسي الزام تراشي بدران دليل، قانون ۽ دستاويزي حقيقتن تي ٽڪيل هجڻ گهرجي.

وفاقي وزير قيصر احمد شيخ جو اهو چوڻ به انتهائي اهم آهي ته ڪراچي ملڪ جو معاشي مرڪز آهي، پر ملڪ جي سياست ۾ هن شهر کي مناسب سياسي جاءِ نه ملي آهي. ڪراچي جي معاشي اهميت ڪنهن کان ڳجهي ناهي. ملڪ جي واپار، صنعت، بندرگاهن، مالياتي سرگرمين ۽ روزگار ۾ ڪراچي جو ڪردار غيرمعمولي آهي. تنهن ڪري هن شهر جي مسئلن کي رڳو سنڌ يا ڪراچي جي مقامي مسئلي طور ڏسڻ بدران قومي معاشي مسئلو سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ، پاڻي، بجلي، صفائي، امن امان، صنعتي انفراسٽرڪچر ۽ شهري سهولتن جا مسئلا برقرار رهندا ته انهن جو اثر رڳو ڪراچي جي رهواسين تي نه، پر سڄي ملڪ جي معيشت تي پوندو

پر معاشي ترقي جو سوال صرف ڪراچي کي سياسي جاءِ ڏيڻ سان حل نٿو ٿئي. وفاقي وزير پاڻ به چيو آهي ته دنيا برآمدات ذريعي ترقي ڪئي آهي ۽ هاڻي خانگي شعبي جي ذميواري آهي ته ملڪ جون برآمدات وڌائي. يقيناً برآمدات وڌائڻ لاءِ صنعت، سيڙپڪاري، توانائي، امن امان، پاليسي جي تسلسل، آسان ڪاروباري ماحول ۽ سياسي استحڪام ضروري آهن. جيڪڏهن هڪ حڪومت پاليسي ٺاهي ۽ ٻي حڪومت ان کي تبديل ڪري ڇڏي ته مقامي توڙي پرڏيهي سيڙپڪار اعتماد سان ڊگهي مدي واري منصوبابندي نٿا ڪري سگهن. سيڙپڪاري لاءِ سڀ کان اهم شيءِ رڳو سهولتون نه، پر پاليسي جو تسلسل ۽ قانون جي يقيني بالادستي پڻ آهي.

ٻئي طرف سعيد غني پاران پيش ڪيل محنت کاتي جي صورتحال پڻ حڪومتن جي ڪارڪردگي ۽ ادارن جي صلاحيت بابت سنجيده سوال اٿاري ٿي. جيڪڏهن ڪنهن کاتي کي 100 آفيسرن جي ضرورت هجي ۽ عملي طور رڳو 20 کان 25 آفيسر موجود هجن ته لکين مزدورن ۽ ڪارخانن جي نگراني، اجرت جي قانون تي عمل، صنعتي ادارن جي چڪاس ۽ مزدورن جي حقن جو تحفظ ڪيئن يقيني بڻجي سگهي ٿو؟ اهو سوال صرف محنت کاتي جو نه، پر سموري انتظامي نظام جي ڪارڪردگي جو سوال آهي.

وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه اها آهي ته سعيد غني جي بيان موجب ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ ڪرپشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي ڪوشش دوران عدالتن مان اسٽي آرڊر اچي وڃن ٿا. ڪجهه ماڻهن کي هٽائڻ ڪانپوءِ بحال ڪيو وڃي ٿو ۽ جاچ ڪميٽين کي به ڪم ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو هتي ٻنهي پاسن جي ذميواري واضح ٿيڻ گهرجي. عدالت جو حڪم پنهنجي قانوني جاءِ تي آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن شخص خلاف ڪرپشن جا الزام آهن ته شفاف جاچ، مضبوط ثبوت ۽ قانوني طريقيڪار ذريعي معاملو پنهنجي منطقي انجام تائين پهچڻ گهرجي. ڪرپشن جي نالي تي ڪنهن کي سزا ڏيڻ به درست ناهي ۽ عدالتي عمل کي استعمال ڪري احتساب کان بچڻ به عوامي مفاد ۾ ناهي.

سعيد غني جو اهو اعتراف به اهم آهي ته سنڌ ۾ ليبر قانون گهڻا آهن، پر انهن تي مڪمل طور عمل نٿو ٿئي. قانون ٺاهڻ کان وڌيڪ اهم قانون تي عمل ڪرائڻ آهي. جيڪڏهن مزدور کي قانون موجب گهٽ ۾ گهٽ اجرت نٿي ملي، ڪم جي جاءِ تي تحفظ حاصل ناهي، سماجي تحفظ جي سهولت نٿي ملي يا سندس شڪايت تي ادارا بروقت ڪارروائي نٿا ڪن ته قانون ڪتابن ۾ موجود هجڻ باوجود مزدور لاءِ ان جي عملي اهميت محدود ٿي وڃي ٿي. ان لاءِ محنت کاتي کي وڌيڪ افرادي قوت، جديد نگراني واري نظام ۽ شفاف شڪايتن جي نظام جي ضرورت آهي.

ليبر ڪوڊ بابت صوبائي وزير جو اهو اعلان ته سمورن اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت ڪانسواءِ ان کي لاڳو نه ڪيو ويندو اصولي طور تي اهم ڳالهه آهي. مزدورن، ملازمن، صنعتڪارن، واپاري تنظيمن، قانوني ماهرن ۽ لاڳاپيل ادارن کي اعتماد ۾ وٺڻ سان قانون وڌيڪ قابل عمل بڻجي سگهي ٿو چو ته مزدورن بابت قانون صرف سرڪاري آفيسن ۾ ويهي ٺاهڻ سان مڪمل نٿا ٿين، انهن جا اثر ڪارخاني، ورڪشاپ، دڪان، آفيس ۽ هر ان جاءِ تي پون ٿا جتي ماڻهو پنهنجي محنت سان روزگار ڪمائي ٿو

ساڳئي وقت سوشل سيڪيورٽي، ورڪرز ويلفيئر فنڊ ۽ EOBI بابت وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اختلاف به جلد حل ٿيڻ گهرجن. جيڪڏهن هڪ طرف صوبن کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن ۽ ٻئي طرف مزدورن جي ڀلائي سان لاڳاپيل وسيلا ۽ ادارا وفاق وٽ رهجي وڃن ته انتظامي مونجهارو پيدا ٿيڻ فطري آهي. جيڪڏهن وفاق ۽ صوبو هڪ ٻئي کي ذميوار قرار ڏيندا رهندا ته نقصان آخرڪار مزدور جو ٿيندو ان ڪري 18هين ترميم جي روشني ۾ واضح، مستقل ۽ گڏيل پاليسي جوڙڻ ضروري آهي.

وليڪا اسپتال بابت سعيد غني جي بيان مان پڻ هڪ ٻيو اهم سبق ملي ٿو ته سرڪاري ادارن جي انتظام ۾ شفافيت ۽ جوابدهي بنيادي حيثيت رکن ٿا. پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي اسپتالن جي انتظام کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته ان سان گڏ واضح نگراني، خرچن جي شفافيت، مريضن جي حقن ۽ ملازمن جي روزگار جو تحفظ به يقيني بڻائڻو پوندو نجي انتظام جو مطلب سرڪاري ذميواري کان هٿ کڻڻ نه هجڻ گهرجي.

ملڪ ۾ غربت جي وڌندڙ دٻاءُ ۽ مهانگائي جي صورتحال ۾ مزدورن جا مسئلا وڌيڪ اهم بڻجي وڃن ٿا. جڏهن کاڌ خوراڪ، توانائي، رهائش ۽ تعليم جا خرچ وڌن ٿا ته گهٽ اجرت تي ڪم ڪندڙ خاندان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ مزدور لاءِ رڳو اجرت مقرر ڪرڻ ڪافي ناهي، پر صحت، تعليم، سماجي تحفظ، روزگار جي سلامتي ۽ ڪم جي محفوظ ماحول کي به يقيني بڻائڻ ضروري آهي. اڄ پاڪستان کي وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ نئين ڇڪتاڻ کان وڌيڪ آئيني ذميوارين جي واضح ورڇ ۽ گڏيل ڪارڪردگي جي ضرورت آهي. وفاق جيڪڏهن صوبن کي اختيار ڏئي ٿو ته ان سان گڏ مناسب وسيلا ۽ قومي سطح جي پاليسي ۾ تعاون به ضروري آهي؛ ۽ صوبن کي اختيار ملن ٿا ته انهن کي عوامي خدمتن، شفافيت ۽ جوابدهي سان استعمال ڪرڻو پوندو هڪ ٻئي تي الزام لڳائڻ سان نه برآمدات وڌنديون، نه سيڙپڪاري اينديون، نه مزدورن جا مسئلا حل ٿيندا ۽ نه ڪراچي جا بنيادي مسئلا ختم ٿيندا. اصل امتحان اهو آهي ته حڪومتون پنهنجي بيانن کي عملي نتيجن ۾ ڪيترو تبديل ڪن ٿيون. عوام کي هاڻي سياسي بيانن کان وڌيڪ روزگار، مناسب اجرت، صحت، تعليم، امن، صاف پاڻي، بهتر شهري سهولتون ۽ مضبوط ادارا گهرجن. وفاق ۽ صوبن کي به اهو طئي ڪرڻو پوندو ته اختيار ڪنهن وٽ آهي، وسيلو ڪنهن وٽ آهي ۽ جواب ڪنهن کي ڏيڻو آهي. جيستائين انهن ٽنهي سوالن جو صاف جواب نه ملندو تيستائين 18هين ترميم کان وٺي ليبر ڪوڊ تائين هر بحث سياسي ڇڪتاڻ جو شڪار رهندو ۽ عام ماڻهو پنهنجي بنيادي حقن لاءِ انتظار ڪندو رهندو

هُو ”مصروف“ ڏاڍا آهن!

سهيل وڙائچ

ڪرسيءَ تي ويٺل سياستدان هجن يا آفيسر، هو مصروف ڏاڍا هوندا آهن. ايترا مصروف جو نه وٽن فون جو جواب ڏيڻ جو وقت هوندو آهي، نُه هو عام ماڻهن سان ملندا آهن ۽ نه ئي عوام بابت جيڪي فيصلا هُو ڪري رهيا هوندا آهن اهي ڪين ٻڌائڻ جي زحمت ڪندا آهن. تضادستان ۾ ”مصروفيت“ دراصل هڪ بيماريءَ جو نالو آهي جيڪا هر ڪرسيءَ تي ويٺل کي لڳي ويندي آهي ۽ اها بيماري ان وقت تائين ڪيس ناهي ڇڏيندي جستائين ڪرسي ڪيس ڇڏي نه ٿي ڏئي. ڪووڊ (COVID) وانگر مصروفيت جي بيماري اڪيلي ناهي ايندي، ان سان گڏ ئي اڪڙ، لاپرواهي ۽ هلڪي تنقيد يا اختلافن تي ناراضپي جهڙيون ٻيون بيماريون به وچڙي وينديون آهن، جئين زڪام هجي ته نزلو ۽ ڪنگهه ۾ مبتلا ٿيڻ عام ڪا به ڳالهه ناهي. ڪرسيءَ تي ويٺلن جي مصروفيت گذريل 40 سالن کان ويجهي کان ڏسڻ جو مشاهدو ٿيو آهي. انگريزي ٻوليءَ جو محاورو آهي ته مصروف نظر اچو ۽ ڪجهه به نه ڪريو (LOOK BUSY, DO NOTHING). هاڻي صحافي جو مسئلو اهو هوندو آهي ته ڪيس ڪرسيءَ تي ويٺل جي خبر رکڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن خبر بند ٿي وڃي ته خبر وٺڻي به پوندي آهي. ان ڪري اڪثر ڪرسيءَ تي ويٺل صحافين کان پرهيز ڪندا آهن پر ظاهر آهي ته سمنڊ/درياهه هڪ ئي آهي، ان ۾ ئي صحافتي مڇين ۽ ڪرسيءَ تي ويٺل واڳن کي رهڻو پوندو آهي، ان ڪري وقت به وقت آمهون سامهون به ٿيڻو پوندو آهي.

هن وقت ملڪ جو سڀ کان وڏي ڪرسيءَ تي ويٺل وزيراعظم به آهي. هن قلم گهسائيندڙ (ليکڪ) جي ڪانئس ڏهاڪن کان واقفيت ۽ تعلق به لڪيل ناهي، سندن اقتدار جو دور به ڏٺو آهي ۽ ڏسي رهيو آهيان ۽ مٿس آفتن (مسئلن) وارو دور ۽ اپوزيشن کي به ڏسندا رهيا آهيون. وزيراعظم 17 سالن کان اقتدار ۾ آهي ۽ هن وقت هن بطور وزيراعظم مسلسل پنجين بجيٽ پيش ڪري چڪو آهي. مون کي سندن وفاقي حڪومت جي فيصلا نه ڪرڻ، سياسي بيانيو نه ٺاهڻ ۽ معيشت کي تيز نه ڪري سگهڻ تي شديد اختلاف آهن ۽ مان بار بار ان جو اظهار به ڪندو رهندو آهيان. پر وزيراعظم شهباز شريف منهنجي اختلافن ۽ تنقيدن جي باوجود جڏهن به مليو ڪليل ٻانهن ۽ مرڪندڙ چهري سان مليو، نه ته هر ڪرسيءَ تي ويٺل تنقيد يا اختلافن کي مد نظر رکندي تي نرڙ تي گهنج وجهي وٺندو آهي، ملڻ ڇڏي ڏيندو آهي، ناراض ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن اختيار هجي ته توهان کي تنگ به ڪيو ويندو آهي، پر خدا لڳي ڳالهه اها آهي ته وزيراعظم شهباز شريف جي دور ۾ سڏوسنئون هن تي ٿيندڙ تنقيد کي هو خنده پيشانيءَ (خوش دليءَ) سان برداشت ڪندو آيو آهي. مون جون جي آخر ۾ ڪالم لکي چيو هو ته سندن عروج جو دور ختم ٿي چڪو آهي، هاڻي جولاءِ کان زوال شروع ٿيندو ۽ حقيقت ۾ ائين ئي ٿي رهيو آهي. اهي مسئلا جيڪي گودڙيءَ ۾ بند هئا، اهي هڪ هڪ ڪري کلي رهيا آهن، وزيراعظم جيترو به جهڪي وڃي، جيترو به متجي وڃي يا جيترو به بدلجي وڃي، ڪيس گهيريندڙ مسئلا ڏاڍا وڏا آهن. ڏسون ٿا ته هو انهن مان ڪيئن بَري الذم (آزاد) ٿي سگهندو.

وزيراعظم اهو واحد ڪرسيءَ تي ويٺل آهي جو بقول شخصي (چوڻ موجب) 18 ڪلاڪ (رات ڏينهن) ڪم جي باوجود مصروف ناهي. هو ملاقاتين سان ملندو آهي، اتحادين سان رابطو رکندو آهي، پرڏيهي دورا ڪندو آهي، پنهنجن ٻنهي گهرن ۾ به باقاعدگيءَ سان ويندو ۽ وقت ڏيندو آهي، وڏي ڀاءُ جي گهرجاتي امراء ۾ به هفتيوار حاضري ڏيندو آهي ۽ اوچن ايوانن کي به خوش رکندو آهي، مطلب ته ڪرسيءَ تي ويٺلن مان هو اهو واحد ماڻهو آهي جنهن تي اقتدار ۽ طاقت جو نشو ناهي چڙهيو، نه ته هر ڪرسيءَ تي ويٺل ڪاري نانگ وانگر ڦڻ ڦهلائي ڦوڪارا هڻي رهيا هوندا آهن. مصروفيت ۾ ڪرسيءَ تي ويٺل صرف خاص ماڻهن سان ملندا، انهن سان ئي ڳالهائيندا ۽ انهن لاءِ ئي دستياب هوندا آهن. ڪرسيءَ تي ويٺلن جي مصروفيت مان پنجابي لوڪ ڪهاڻيءَ جو ڪردار ”جڳو“ ياد اچي ويو. جڳي بابت مشهور پنجابي محاورو آهي ”جڳي نُون نت مهما“. اهو محاورو ڪنهن اهڙي شخص لاءِ استعمال ٿيندو آهي جنهن کي هر روز ڪو نئون معرڪو، جهيڙو يا مسئلو درپيش هجي. هر مسئلي ۾ ٽنگ اڙائڻ ۽ خوامخواه ۾ مصروفيت ظاهر ڪرڻ وارا به هن محاوري جي مزاحيه تشريح ۾ اچن ٿا. جڳا جٽ دراصل سردار جگت سنگهه ورڪ جو مشهور نالو آهي، هو انگريزن لاءِ ڌاڙيل ۽ غريبن لاءِ رابن هڊ هو. پوءِ ڪيس انگريزن دوکي سان مارائي ڇڏيو هو. خير جڳي جون مهمون ئي اسان جي ڪ ڪرسيءَ تي ويٺل وزيرن ۽ آفيسرن جي ڳڇيءَ ۾ پيل آهن. اسان جي هڪ محترم وزير سئو کان وڌيڪ ڪميٽين جو سربراهه آهي، هاڻي انهيءَ ڪميٽين جي سربراهي وٺي ته ورتي، انهن لاءِ وقت ڪير ڪڍندو؟ جنرل باجوهه هڪ ملاقات ۾ هن وزير بابت اها ئي شڪايت ڪئي هئي ۽ اها ئي شڪايت اڄ به ورجائي پئي وڃي. هڪ صوبائي حڪومت 100 کان وڌيڪ نوان منصوبا ٺاهيا آهن، انهن ۾ ڪيترائي ڏاڍا سٺا به آهن پر باقي 90 کان وڌيڪ منصوبن جي رفتار ۽ انهن جي معيار تي نظر رکڻ لاءِ ڪنهن به وٽ وقت ئي ناهي، جڏهن ڪم کي ايترو پکيڙيو وڃي ته پوءِ ڪو به ڪم سليقي سان ناهي ٿي سگهندو. ترجيح ته چار پنج ئي ايشوز کي ڏيئي سگهجي ٿي جو ان کان وڌيڪ ته انساني وس ۾ ئي ناهي هوندو وفاق ۾ به وزير مايوسيءَ جي عالم ۾ استعيفائون کيسي ۾ وجهيو ڦرن پيا. وفاقي ڪابينا دراصل هڪ ٽيم جو نالو هوندو آهي جنهن ۾ گڏيل فيصلن سان ملڪ کي هلائڻو هوندو آهي پر هتي سيٽي وڄندي آهي ته هوڏانهن هر وزير پنهنجو پنهنجو نئون قبلو ڳولي وٺندو آهي، ڪو نون صوبن جو حامي آهي ته ڪو مخالف. ڪو چُپ آهي ته ڪو مسلسل ڳالهائي رهيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف عوامي سياستدان نه سهي پر سٺو مئنيجر ۽ ايڊمنسٽريٽر ضرور آهي، ڪيس پنهنجي ڪٽ هيٺيان لٺ ڦيرڻي پوندي ۽ پنهنجي ڪابينا کي ڊسيپلين ۾ آڻڻو پوندو. وزيراعظم جي ”ڊر“ سان حڪومت جو ”ويل“ پنڪچر ٿي بي قابو ٿي رهيو آهي. يادش بخير (ياد هجي ته) شهباز شريف بطور وڏو وزير پنجاب ڪرسيءَ تي ويٺل آفيسرن جي ڪوڙي مصروفيت جي ٽوڙ لاءِ هر هڪ کي موبائل فون پاڻ ٻڌڻ جو پابند بڻايو هو. سندن هن انقلابي قدم سان پهرين دفعي عوام ڪرسيءَ تي ويٺلن سان سڌوسنئون ڳالهائڻ جي قابل ٿيو هو. شهباز شريف پاڻ آفيسرن کي انهن جي موبائل نمبرن تي فون ڪري چيڪ ڪندو هو ته هو پاڻ ٻڌن ٿا يا نه. ان پرئڪٽس جو ڏاڍو مثبت اثر پيو هو. وڏي وزير مريم نواز شريف چُونڊي چُونڊي سٺن آفيسرن کي ڪرسيءَ تي ويهاري ٿي پر اهي آفيسر ڪرسيءَ تي وهندي ئي اهڙا مصروف ٿي وڃن ٿا جو ڪنهن کي دستياب ئي ناهن ٿيندا. فون تي موجود رهڻ ۽ هر فون جو جواب ڏيڻ جو جيڪو معمول شهباز شريف دور ۾ ٿيو هو اهو مڪمل طور تي ختم ٿي چڪو آهي. هڪ ته وڏي وزير پاڻ به ۽ سندن سينئر ٽيم به نه صحافين جي پهچ ۾ آهي ۽ نه عوام ۽ چونڊيل نمائندن جي پهچ ۾ آهي. ٻيو جڏهن کان نون (ليگ) پنهنجا سڀ ئي آنا هڪ ئي ٽوڪريءَ ۾ وجهي ڇڏيا آهن، هوءَ سمجهڻ لڳي آهي ته ٽوڪري، ٽوڪريءَ کي پڪو رکندي پر ٽوڪريءَ کي هوا، طوفان ۽ ٻاڦ (اس) به لڳندي آهي. صحافي، عوام ۽ چونڊيل نمائندا اهي ئي آنڌي، هوا ۽ اس ۾ آهن جيڪي ٽوڪريءَ سان جڙيل نوڪريءَ تي به اثرانداز ٿي سگهن ٿا ۽ ان نوڪريءَ کي وٺي به ويهندا آهن.

ياد رکڻ گهرجي جيڪو ڪرسيءَ تي ويٺل سياستدان ۽ آفيسر فون ناهي ٻڌندو، فون جو جواب تائين ناهي ڏيندو هو جوابدهي ۽ رابطي جي ڊيوٽيءَ کان غفلت جو مرتڪب ٿيندو آهي، سندس باقي مصروفيتون سراسر ڪوڙ ۽ فريب آهن. اڄڪلهه حالتون اهي آهن ته آفيسر ۽ وزير نه ڪنهن جو فون ٻڌن ٿا ۽ نه جواب ڏين ٿا، بليڪ ميلنگ / بهانو اهو ئي مصروفيت جو ڪيو ويندو آهي، جيڪڏهن آفيسرن ۽ حڪومتي سياستدانن جي اها ئي ”مصروفيت“ جاري رهي ته پوءِ صحافي ”جهاز“ ئي اڏائيندا، عوام مذاق اڏائيندو ۽ اسيمبلي ميمبر ناراض ٿيندا. اڄ جي اها جعلي مصروفيت سڀائي ”فراغت“ تي ختم ٿيندي. اهي جيڪي اڄ سڀ ”مصروف“ آهن انهن جي اها ئي مصروفيت کين ”فارغ“ ڪري ڇڏيندي، ماضيءَ ۾ ”مصروف“ رهڻ جي اداڪاري ڪندڙن جو انجام ڏٺو ويو آهي، اڄ جي ”مصروفن“ جو انجام به اهو ئي نه ٿئي.

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جا اڻپورا رهجي ويل خواب!

طفيل مگسي

20 سيپٽمبر جي اها اڀاڳي شام جڏهن رات جي روپ ۾ پنهنجا اونداها پرڙا پکيڙي رهي هئي، ته انهيءَ وحشي رات وحشي رياست پائيتالهن سالن جي نوجوان مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين سميت سندس ئي گهر جي سامهون سيني جو بدن گولين سان پروڻ ڪري ڇڏيو جڏهن مير مرتضيٰ ڀٽو سان اهڙو وحشي ورتاءَ ڪيو ويو ته انهيءَ وقت هن جي ڀيڻ ملڪ جي وزيراعظم ۽ چيف ايگزيڪيوٽيو هئي انهيءَ ڏينهن کان سازش جوڙ ڳٽيون ٿيوريون (Conspiracy Theories) ۽ الزامن جو سلسلو جاري آهي ليڪن ڪو به ڏوهاري نه پڪڙيو ويو نه ئي ڪا قانوني ڪاروائي ٿي رياستي ادارن جن فردن کي انهيءَ قتل ۾ ملوث ۽ گرفتار ڪيو ويو انهن منجهان گهڻا پنهنجو موت پاڻ مري ويا ۽ ڪيترائي اڄ به آزاد گهمي رهيا آهن

مرتضيٰ ڀٽو جي زندگي ڏکن سان ڀرپور حالتن ۾ مشڪلاتن سان وڙهندي گذري جڏهن هن جي بابا ۽ پاڪستان جي چونڊيل پهرين وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي سامراج جي مڪار پٺوءَ پنهنجي جابراڻي آمريت کي ديگهه ڏيڻ جي لاءِ اسلام کي استعمال ڪرڻ واري جنرل ضيا الحق برطرف ڪري 1979ع ۾ ڦاسي جي ڦندي تي چاڙهي شهيد ڪري ڇڏيو ته مرتضيٰ جي زندگي وڪري وئي انهيءَ دردناڪ واقعيءَ هن کي سياست جي انتشار واري دنيا ۾ ڌڪي ڇڏيو پنهنجي بابا جي جان بچائڻ خاطر حمايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيترن ئي ملڪن جي اڳواڻن سان مليو مشهور عالمي ادارن ۽ سياسي شخصيتن کان اپيلون به ڪرايائين مگر سڀ بي فائدو ثابت ٿيون ۽ هن جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي ويون

امريڪي سامراج جو حمايت يافته درنده صفت بزدل ۽ پرهيزگار جرنيل نهايت بيرحم هوان وقت امريڪا ۽ ضيا گڏجي ڪري سامراجي مفادن جا محافظ انهيءَ جابراڻي آمريت کي قائم رکڻ جي لاءِ اسلام کي استعمال ڪري رهيا هئا

پنهنجي بابا جي دردناڪ قتل جو بدلو ۽ 1967ع ۾ قائم ٿيڻ واري پيپلز پارٽي جي بنياد ۾ جڙيل انقلابي سوشلزم جي مشن کي اڳتي وڌائڻ جي خاطر مرتضيٰ ڀٽو هٿياربند جدوجهد جو اڙانگو رستو چونڊيو باوجود انهن سمورين ڪوششن جي هن جي تنظيم ”الذوالفقار“ ان جابر ۽ سندس جابراڻي اقتدار جو خاتمو ڪرڻ ۾ ناڪام رهي بلڪ انهيءَ حڪومت جي مڪار ۽ بيغيرت ماهرن تشدد جي انهن انفرادي قدمن کي پاڪستان جي نوجوانن ۽ محنت ڪشن تي پنهنجي ظالماڻي جبر ۾ وڌيڪ واڌارو ڪرڻ جي طور تي استعمال ڪيو

1981ع ۾ پي آءِ اي جي جهاز جي اغوا جي دوران، جنهن ۾ ٻن سون کان وڌيڪ سياسي ڪارڪنن کي ضياءَ جي بدنام زماني اذيت گاهن ۽ ٽارچر سيلن کان آزاد ڪرايو هڪ فوجي ڪپتان قتل ٿي ويو اهو اهڙو وقت هو جڏهن سماج ۾ جابر حڪومت جي خلاف هڪ عوامي بغاوت ڀري رهي هئي سفاڪ آمريت انهيءَ کي بهانو بڻائيندي ابرندڙ بغاوت جي خلاف نهايت انسانيت سوز ظلم جي بازار گرم ڪري ڇڏي 1983ع ۾ ضياءَ حڪومت رياستي جبر جي خلاف اٿندڙ محنت ڪش، هارين ۽ نوجوانن جو قتل عام ڪيو صرف سنڌ ۾ 1083 فرد فوجي گنشپ هيليڪاپٽرن جي وسيلي قتل ڪيا ويا ليڪن نهايت محدود ڪاميابين ۽ وڌندڙ رياستي جبر جي اڳيان هٿيار بند جدوجهد ڪرڻ وارين ڪيترين ئي تنظيمن جيان ”الذوالفقار“ به ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿيڻ لڳي اهڙين حالتن ۾ سازشيون ۽ دوکا ضروري ٿيندا آهن ليڪن مير مرتضيٰ ڀٽي هار نه مڃي باوجود هٿياربند جدوجهد جي تجربي کان هو انهيءَ نتيجي تي پهتو ته ڪاميابي جي لاءِ هڪ عوامي تحريڪ ۽ طبقاتي جدوجهد فيصلو ڪندڙ آهن

امريڪي سامراج ۽ ضيا الحق جي وچ ۾ جهڳڙي جو انجام فضائي حادثي ۾ ضياءَ جي موت جي صورت ۾ ٿيو 1986ع ۾ بينظير جي واپسيءَ عوامي اڀار ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو ۽ اقتدار جي ايوانن ۾ زلزلو اچي ويو هو دلال مقامي اشرافيه جي پاليسي سازن سان صلاح مصلحت ڪري سامراجين آساني سان هڪ ظالم بورزوا فوجي آمريت کي هڪ مفلوج جمهوري سيٽ اپ ۾ بدلائي ڇڏيو جيڪا انهن جي ئي معاشي وسماجي بنيادن ۽ سياسي حڪمت عملي تي مشتمل هئي بينظير کي ڪيترين ئي محتياط تيارين ۽ اسٽيٽس ڪو کي قائم رکڻ جي ضمانت وٺڻ ڪانپوءِ اقتدار ۾ شريڪ ڪيو ويو مرتضيٰ انهيءَ ڳالهه تي بغاوت ڪري ڇڏي ته محڪومن جي تقدير بدلائڻ جي لاءِ قائم ٿيڻ واري پارٽي هاڻي سرمائيداراڻي استحصال اميرن ۽ طاقتورن جي اقتدار کي قائم رکڻ جي پوئلڳ بڻجي رهي آهي پي پي جو سامراج مخالف نقطو پنهنجي انڪار ۾ بدلجي ويو ٻاهرين ۽ مقامي سرمايي جي چمچاگيري نئين پ پ پ جي پاليسي بڻجي وئي مرتضيٰ واپس اچڻ ۽ انهيءَ بيڪار نظام کي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو جيڪو هڪ نهايت همت ڀريو قدم هو ۽ هن رياست جو وڏو دشمن هئڻ جي سبب کان هن پنهنجو سڀ ڪجهه داءَ تي هڻي ڇڏيو وطن واپسي تي هن کي هن جي ڀيڻ جي حڪومتي دور ۾ گرفتار ڪري قيدي بڻايو ويو ميڊيا جي طرف کان هن کي ڊرامائي ۽ ذاتي دشمني جو رنگ ڏيڻ کان قطع نظر حقيقت ۾ ضياءَ جي پراڻي رياستي مشينري ڪنٽرول ۾ هئي ۽ المنور روز ولٽ چيو هو ”مان معاف ڪري ڇڏيان ٿي ليڪن ڪڏهن وساريندي ناهيان“ ليڪن رجعتي بورزوا رياست پنهنجي خلاف هٿيار کڻڻ وارن کي نه ته معاف ڪندي آهي ۽ نه ئي ڪڏهن وساريندي آهي“

واقعن کي انهيءَ انداز ۾ ترتيب ڏنو ويو ۽ خانداني جهڳڙن ۽ حالتن کي ان ريت موڙيو ويو ته مرتضيٰ کي چونڊن ۾ ٽڪيٽ ئي نه ڏني وئي

جيتوڻيڪ هن سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي سيٽ آزاد حيثيت ۾ کٽي ورتي ليڪن پي پي پي سان گڏ هن جو پيدائشي رشتو ٽٽو نه هو هو هڪ بيباڪ ندر ۽ اڏول انقلابي پروگرام پيش ڪري رهيو هو ۽ عوام کي چرپر ڏياري ڪري پي پي پي کي محنت ڪش جي پارٽي جي حيثيت سان منڊي کان منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جلاوطني جي دور ۾ هن مارڪس اينگلز ٽراٽسڪي ۽ ٻين انقلابي استادن جو مطالعو ڪيو هو ڪارڪنن سان ملاقات جي دوران هن پنهنجي ڳالهه جي وضاحت جي لاءِ 1918ع جي برسٽ لٽووسڪ جي ڳالهين کان ٽراٽسڪي جو هڪ ڊگهو ٽڪرو پيش ڪيو هو ڪيترن ئي نظرياتي سوالن تي شديد بحثن ڪانپوءِ به دليل ٻڌڻ جي لاءِ تيار هوندو هو هن جو ڪا ٻي ڏر ڏانهن جهڪاءُ ۽ پارٽي ۾ شامل عام عوام ۾ هن جي وڌندڙ مقبوليت رياست جي ڪجهه حصن جي لاءِ پريشان ڪندڙ هئي هو وقار ڀريو ۽ پرازم انداز ۾ رهيو ليڪن هن هڪ فيصل ۾ غلطي ڪري وڌي ته هو پاڻ کي ڀٽو جا وفادار سڏرائڻ وارن ڪجهه دوکي باز سياسي ليڊرن جي چڪر ۾ اچي ويو ۽ پنهنجي ڀيڻ جي قيادت هيٺ روايتي سيٽ اپ کان الڳ پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو اهڙو ڪو ڪم نه هو جيڪو هو پيپلز پارٽي ۾ نٿي ڪري سگهيو هو مارڪسي ڪيڊرن تي مشتمل هڪ نيٽ ورڪ تيار ڪري هو انقلابي ونگ بڻائي ٿي سگهيو هو مگر هو اڪيلو رهجي ويو باوجود انهيءَ سرمائيداراڻي مٿين ڍانچي ۽ سياسي وسماجي نظام جي لاءِ هو اڃا به خطرو هو جيتوڻيڪ رياست جي ڪجهه حصن مٿس پلاند جو رٿائون حملو ڪري وڌو لينن گهڻو وقت اڳ چيو هو ته ”صرف بيوقوف غلطيون ناهن ڪندا“ مرتضيٰ ۾ خاميون ضرور هيون ليڪن هن جون ذاتي خاصيتون ۽ ديانتداري ڪنهن به شڪ کان مٿيريون آهن هو دولت، جي لالچ ۽ اقتدار جي خواهش کان متاهون هوهن جي همت ۽ ارادا غير متنزل هئا ٽراٽسڪيءَ چيو هو ته ”ڪا به جدوجهد بيڪار نٿي وڃي“ مرتضيٰ پي پي پي جي پارٽي نظرين ۽ حقيقي عوامي روايتن جي لاءِ ويڙهه وڙهي هن جي جدوجهد ۽ هن جو ورث انهن نوجوانن جي لاءِ هڪ مثال آهي جيڪي پارٽي لاءِ پنهنجو پاڻ کي قربان ڪرڻ ان نسل جو تاريخي فرض آهي جنهن تبديليءَ جي لاءِ مرتضيٰ ويڙهه وڙهيو ۽ شهيد ٿي ويو مگر افسوس ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جو اهو خواب هلندي هلندي اڻپورو رهجي ويو شهيد جي وني (گهرواريءَ) لاءِ ڪهڙيون تبديليون پيدا ٿيون جو هوءَ سندس پروگرام اڌ ۾ ڇڏي وڃي ڪري پرڏيهه ويهي رهي انهيءَ ڪانپوءِ مير مرتضيٰ ڀٽو جي ڪارڪنن جون سموريون اميدون سندس نياڻي فاطمه ڀٽو سان لاڳاپجي ويون مگر هوءَ به پرڏيهه ۾ شادي ڪري سياست کان منهن موڙي وئي ۽ هن وقت سندس موڀي پٽ ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر جي هٿ ۾ پارٽي قيادت آهي ليڪن اهو به پارٽيءَ کي فعال بڻائڻ ۾ في الحال ته ڪو عوامي ڪردار ادا ناهي ڪري سگهيو ۽ پارٽي چند فردن جي هٿان يرغمال بڻيل آهي اڳتي ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي ائين ئي دنيا جي هڪ عظيم حريت پسند اڳواڻ جي اکين ۾ جيڪي خواب هئا سي في الحال اڻپورا رهجي ويا!!!

بقايا 01

ي حفاظت سان بازياب ڪرايو اها ڪارروائي واکاڻ جوڳي آهي. هن وڌيڪ چيو ته دهشتگردن پاران قومي شاهراه تي عوام جي اچ وڃ کي متاثر ڪرڻ، ڀنگ لاءِ اغوا ڪرڻ، ڀتو وٺڻ ۽ گاڏيون ڦرڻ جي ڪوشش کي سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪارروائي ذريعي ناڪام بڻايو دهشتگردن جي قبضي مان 6 ٽرڪون، 3 بسون ۽ 2 گاڏيون پڻ هٿ ڪيون آهن، وڏي تعداد ۾ هٿيار، ڌماڪيدار مادو پڻ هٿ آيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف سيڪيورٽي فورسز جي پيشورانه صلاحيتن جي واکاڻ آپريشن عزم استحڪام تحت دهشتگردي خلاف فيصلائتيون ڪارروايون جاري رهنديون ۽ پرڏيهي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل طور تي خاتمو ڪيو ويندو.

بقايا 02

۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي 5 دهشتگردن کي مارينديڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب سڪيورٽي فورسز بروقت ڪارروائي ڪري دهشتگردن جي ناڪي مان 23 اغوا ٿيل ماڻهن کي باحفاظت بازياب ڪرائي ورتو دهشتگردن اغوا، ڀتا خوري ۽ گاڏيون ڦرڻ لاءِ چيڪ پوسٽ قائم ڪري رکي هئي، دهشتگردن جي ناڪي مان 6 ٽرڪون، 3 بسون ۽ 2 ڪارون هٿ ڪيون ويون جڏهن ته وڏي تعداد ۾ هٿيار، گوليون ۽ بارودي مواد قبضي ۾ ورتو ويو. ٻئي طرف خاران ۾ دهشتگردن مسافر گاڏيءَ تي آءِ اي ڊي (IED) حملو ڪيو جنهن سان 10 مزدور زخمي ٿي پيا

بقايا 03

ذريعي اسلام آباد جي لاءِ روانو ٿي ويو. ڪراچي کان سپر لانگ مارچ رحمان بابا ايڪسپريس ٽرين ذريعي حافظ نعيم الرحمان ۽ منعم ظفر خان جي اڳواڻي ۾ ڪينٽ اسٽيشن کان روانو ٿيو جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي ٽرين مارچ ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو ته حڪمت عملي موجب اسلام آباد روانا ٿي رهيا آهيون. هن چيو ته حڪومتي پاليسين جي ڪري عوام بدترين اذيت ۾ مبتلا آهي. سفيد پوش ماڻهو پنهنجي زندگي ڏکئي گذارڻ تي مجبور آهن. حڪومت پنهنجي بيڊ گورننس جو بدلو عوام کان وٺي رهي آهي، حافظ نعيم جو چوڻ هو ته اسان جو مطالبو آهي ته ليوي جو ڀتو ختم ٿيڻ گهرجي، حڪومت عالمي مارڪيٽ جو بهانو بنائي قيمتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي. هوڏانهن جماعت اسلامي پيٽروليم ليوي جي خلاف 35 ڏينهن کان ڪراچي ۾ گورنر هائوس جي ٻاهران ڌرڻو هنيو هو جيڪو جنجر تي ختم ڪيو ويو.

بقايا 04

ي پل بحال ڪئي وئي آهي. ايف سي مستونگ ويجهو پنج پائي ۾ خوارج پاران تباهه پل جي فوري مرمت بعد اڄ وچ بحال ڪئي وئي آهي. ايف سي بلوچستان افرادي قوت ۽ مشينري ذريعي فتنه الهندوستان جي دهشتگردي سبب متاثر پل فوري بحال ڪري ڇڏي. تباهه ٿيل پل جي فوري بحالي تي شهرين ايف سي جي قدم کي ساراهيندي چيو ته پل تباهه ٿيڻ سبب عوام کي ڏکيائيون درپيش هيون. ايف سي فوري قدم کڻي اڄ وچ بحال ڪري ڇڏي، ڏکين حالتن ۾ ايف سي ڀرپور سهڪار ڪيو. رابطو بحال ڪرڻ تي ايف سي جا ٿورائتا آهيون.

بقايا 05

سرائيل، عراق، قطر، بحرين سعودي عرب، عمان، متحده عرب امارات ۽ لبنان ۾ قائم آمريڪي سفارتخانن طرفان جاري ڪيو ويو آمريڪي اختيارين جو چوڻ آهي ته خطي جي ڇڪتاڻ واري صورتحال سبب غير امڪاني صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، آمريڪي شهرين کي سعودي عرب جي سفر جي حوالي سان احتياط ڪرڻ گهرجي. اهو الرٽ اهڙي وقت ۾ جاري ڪيو ويو آهي جڏهن يمني حوثين ڪجهه وقت کان سعودي عرب تي حملن جو سلسلو شروع ڪري رکيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي فوتگيون ٿيون آهن جڏهن ته درجنين ماڻهو زخمي به ٿيا آهن. حوثين ڪجهه ڏينهن اڳ مڪي شريف تي به ڊرون حملي جي ڪوشش ڪئي هئي جنهن کي سعودي فوجي اتحاد حدف تي پهچڻ کان اڳ ئي تباهه ڪري ڇڏيو آمريڪي اختيارين جو چوڻ آهي ته وچ اوڀر ۾ آمريڪي شهرين کي وڌيڪ محتاط رهڻ، اڏامن جي ملتوي ٿيڻ ۽ فضائي حدن جي بندش لاءِ تيار رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. آمريڪا ايران ۾ موجود پنهنجن شهرين کي فوري ملڪ ڇڏڻ ۽ ايران جو سفر نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. انهي کان علاوه آمريڪي شهرين کي عراق، لبنان، شام، يمن ۽ غزه جي سفر کان پاسو ڪرڻ جو چيو ويو آهي. بغداد ۾ آمريڪي سفارتخاني پنهنجي آگاهي ۾ خاص طور تي يمن جي حوثين ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ تازي ڇڪتاڻ جو حوالو ڏيندي چيو ته تڪرار وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو آمريڪي پرڏيهي وزارت به ڌار سيڪيورٽي وارننگ جاري ڪندي چيو آهي ته يمن ۾ سعودي عرب ۽ حوثين جي وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ ۾ وڌيڪ ڇڪتاڻ جو امڪان موجود آهي. آمريڪي اختيارين خطي ۾ موجود پنهنجن شهرن تي زور ڏنو آهي ته اهي مقامي اختيارين ۽ آمريڪي سفارتي مشنز طرفان جاري ڪيل تازه ترين سيڪيورٽي هدايتن تي عمل ڪن.

بقايا 06

زير پنهنجي بيان ۾ چيو ته سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪارروائي ڪري فتنه الهندوستان جي دهشتگردن جي ناپاڪ عزمن کي ناڪام بڻايو هن چيو سيڪيورٽي فورسز جرئت ۽ بهادري سان ڪارروائي ڪندي 23 شهرين کي حفاظت سان آزاد ڪرايو. گهرو وزير محسن نقوي چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قوم سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي.

بقايا 07

تقريب ۾ وڏي انگ ۾ شخصيتن ۽ نوجوانن شرڪت ڪئي، جن ۾ سيڪريٽري راندين ۽ نوجوانن جا معاملا سنڌ منور علي مهيسر، سنڌ اسيمبلي جو ميمبر جميل احمد سومرو، ڊائريڪٽر راندين اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله، ميئر لاڙڪاڻو گلوڪار سيف سميجو، ضلعي ڪائونسلر اعجاز لغاري، ليليٰ نثار ۽ ٻيا شامل هئا. فيسٽيول ۾ نوجوانن کي راندين، تعليم، جديد ٽيڪنالاجي، مهارتن جي ترقي، روزگار ۽ ڪيريئر جي موقعن بابت آگاهي ڏني وئي، جڏهن ته مختلف راندين ۽ ٻيون سرگرميون پڻ منعقد ڪيون ويون. شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري ۾ اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي سيڪريٽري راندين منور علي مهيسر چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن کي نوان موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي، هڪ لک نوجوانن کي سنڌ يوٿ ڪارڊ فراهم ڪيو ويندو جنهن ذريعي انهن کي مختلف سهولتن ۽ موقعن سان ڳنڍيو ويندو هن چيو ته نوجوانن کي سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي سان رابطي ۾ رهڻ گهرجي ۽ موجود موقعن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. ڪاتو مستقبل ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ يوٿ فيسٽيول پڻ منعقد ڪندو سيڪريٽري راندين ۽ نوجوانن جي معاملن سنڌ منور علي مهيسر چيو ته سنڌ حڪومت جي سنڌ راندين جي پاليسي 2026 کي باضابطه طور تي لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت اي-اسپورٽس، روايتي، ثقافتي ۽ جديد راندين کي فروغ ڏنو ويندو عورتن، خاص رانديگرن ۽ گلابي راندين جي واڌاري لاءِ پڻ خاص قدم کنيا ويندا. هن چيو ته 18 هين آئيني ترميم کان پوءِ راندين جو شعبو صوبائي ذميواري آهي، تنهن ڪري سنڌ حڪومت راندين جي فروغ ۽ رانديگرن کي وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ جامع قدم کڻي رهي آهي. منور علي مهيسر چيو ته لاڙڪاڻي جي نوجوانن لاءِ راندين، مهارتن جي ترقي، تعليم ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو ته جيئن مقامي نوجوان پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪري اڳتي وڌي سگهن. فيسٽيول دوران ڪرڪيٽ سميت مختلف مقابلن ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٽيمن ۽ رانديگرن ۾ ٽرافيون ۽ نقد انعام ورهايا ويا. کٽيندڙ ٽيم کي 50,000 رپيا ۽ ٽرافي ڏني وئي. اختتامي تقريب دوران هڪ موسيقي جو پروگرام پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مشهور گلوڪارن پرفارم ڪيو

بقايا 08

ڪنڊيشن (اي سي) جي ضرورت جي ختم ڪري ڇڏيندي. چين ۾ اهڙي سپر ڪوٽنگ پينٽ جي پروڊڪشن شروع ڪئي وئي آهي جيڪا گرمي جي موسم دوران گهر جي اندروني گرمي پد کي 25 ڊگري سينٽي گريڊ تائين گهٽ ڪري ڇڏيندو آهي. انهي منفرد پينٽ جي آزمائش حقيقي دنيا ۾ 6 مهينن تائين صوبي بينان جي هڪ ڪارخاني ۾ ڪئي وئي، اهو پينٽ ريڊي ايٽيو ڪولنگ ٽيڪنيڪ کي استعمال ڪندو آهي جنهن جي لاءِ بجلي يا ڪنهن به قسم جي ڪولنگ ايجنٽس جي ضرورت نه هوندي آهي. بنيادي طور تي ريڊي ايٽيو ڪولنگ هڪ اهڙي ٽيڪنالاجي آهي جنهن ۾ حرارت کي منعڪس يا خارج ڪري شين کي ٿڌو ڪيو ويندو آهي. هڪ رپورٽ ۾ انهي پينٽ جي آزمائش جا نتيجا به جاري ڪيا ويا. رپورٽ موجب انهي پينٽ ڪوٽنگ کي پبلڪ انفرااسٽرڪچر ۽ گهرن جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته انهي پينٽ جي 6 لک ٽن مقدار ساليانه پروڊڪشن جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي، جنهن ڪارخاني ۾ انهي پينٽ جي آزمائش ڪئي وئي، اتي عام طور تي اندروني گرمي پد کي گهٽ رکڻ جي لاءِ واٽر اسپرنڪلر سسٽم جو استعمال ڪيو ويندو هو، پر پينٽ ڪوٽنگ سبب اهڙي قسم جي توانائي جي استعمال کان سواءِ ممڪن ٿي ويو اهو پينٽ سج جي ريڊي ايشن کي به واپس ڪري ڇڏيندو آهي. انهي پينٽ کي چائنا ڪنسٽرڪشن ايڪوڊوالپمينٽ ڪمپني ۽ هربن انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي جي ماهرن گڏجي تيار ڪيو. رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته شديد هيٽ ويوز جي دوران به اهو پينٽ اندروني گرمي پد کي محفوظ سطح تي برقرار رکندو آهي. ماهرن جو اندازو آهي ته انهي پينٽ جي زندگي 15 سالن تائين ٿي سگهي ٿي.

بقايا 09

ي شهر ٽوڪيو سميت ملڪ جي اوڀر ساموندي ڪناري وارن علائقن سان ٽڪرائي سگهي ٿو پرڏيهي ميڊيا موجب جاپان جي موسميات کاتي ڇاڻايل علائقن جي رهواسين کي هدايت ڪئي آهي ته اهي تيز برسات ۽ هوائن جي خطري کي نظر ۾ رکندي چوڪس رهن. رپورٽ موجب جاپان جي مقامي وقت موجب آچر تي صبح جو 09 وڳي تائين هلندڙ سال جو 25 هون ساموندي طوفان ڊوجوان ملڪ جي ڏکڻ طرف سمنڊ جي متان اتر اولهه طرف 10 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان وڌي رهيو آهي. ان جي مرڪز جي ويجهو هوا جي رفتار 126 کان 180 ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين رڪارڊ ڪئي وئي آهي. ساموندي طوفان سومر تي ٽوڪيو جي اوڀر ۾ واقع صوبي چيبا ڪيجز سان ٽڪرائجي سگهي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ تيز برساتن ۽ طوفاني هوائن سبب سمنڊ ۾ وڏيون لهرون پيدا ٿين جو امڪان آهي، جڏهن ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ ٻوڏ جو پڻ خطرو آهي. امڪاني متاثر علائقن جي رهواسين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي طوفان جي صورتحال کان آگاهه رهن ۽ احتياطي اپاءَ اختيار ڪن.

بقايا 10

خانن ذريعي پنهنجي شهرين لاءِ سيڪيورٽي وارننگ جاري ڪندي انهن کي محتاط ۽ چوڪس رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب اولهه ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ موجود آمريڪي سفارتخانن فوري طور تي سيڪيورٽي وارننگ جاري ڪندي پنهنجي شهرين تي زور ڀريو آهي ته اهي انهن هدايتن تي عمل ڪن. انهن جو چوڻ آهي ته خطي ۾ اڏامون رد ٿيڻ جو پڻ امڪان آهي. خطي جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آمريڪي سفارتخانن اهي فوري سيڪيورٽي وارننگز جاري ڪندي پنهنجي شهرين کي وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ سبب چوڪس ۽ محتاط رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. بغداد ۾ آمريڪي سفارتخاني خاص طور تي حوثي ۽ سعودي عرب وچ ۾ تازين ڇڪرين جو حوالو ڏنو آهي جن ۾ هوائي اڏن تي حملا پڻ شامل آهن ۽ خبردار ڪيو آهي ته ڇڪتاڻ ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو آمريڪي پرڏيهي کاتي پڻ ڌار وارننگ جاري ڪندي چيو آهي ته يمن ۾ سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ تڪرار ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ جو امڪان موجود آهي.

بقايا 11

ن نيويارڪ لاءِ روانو ٿي ويو، جتي هو وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ 21 کان 25 سيپٽمبر تائين گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81 هين اجلاس ۾ شرڪت ڪندو آچر تي پرڏيهي کاتي جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب نائب وزيراعظم دوري دوران جمون ۽ ڪشمير تي او آءِ سي رابطا گروپ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو جنهن دوران هو ڪشميرين کي سندن خود ارادئيت وارو حق ڏيارڻ لاءِ پاڪستان جي پختي عزم جي حمايت کي اجاگر ڪندو جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي هو او آءِ سي جي ڪيترن ئي وزارتي اجلاسن ۾ پڻ شرڪت ڪندو جن ۾ او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن جي ساليانو رابطا اجلاس سان گڏوگڏ ٻين او آءِ سي جي رابطا گروپس جا اجلاس شامل آهن. فلسطين مسئلي لاءِ پاڪستان جي ڀرپور عڪاسي طور پرڏيهي وزير فلسطين مسئلي تي ڪيترن ئي اعليٰ سطح جي اجلاسن ۾ پڻ شرڪت ڪندو جن ۾ 8 عرب اسلامي ملڪن جي گروپ جي اجلاس سان گڏوگڏ ٻه رياستي حل لاڳو ڪرڻ لاءِ عالمي اتحاد جو اعليٰ سطح جو وزارتي اجلاس پڻ شامل آهي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي مصنوعي ذهانت واري معاملي تي اعليٰ سطح جي بريفنگ دوران وبائي بيمارين جي روڪٿام، تياري ۽ رد عمل بابت اعليٰ سطح جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ سميت خطاب پڻ ڪندو هوائي سي او ڪائونسل آف منسٽرز جي اجلاس جي صدارت ڪندو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڪيترن ئي ملڪن جي هم منصبن سان ٻه طرفيون ملاقاتون پڻ ڪندو پنهنجي وسيع مصروفيتن دوران هو علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي جاري ڪوششن تي پڻ روشني وجهندو ۽ اهم علائقائي ۽ عالمي چيلينجز تي ڳالهيون پڻ ڪندو.

بقايا 12

ڙ اميدوارن جا نالا پڻ جاري ڪيا ويا آهن. پري انجنيئرنگ گروپ ۾ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو غلام علي بدين جي شاگرد عبدالله پٽ ڪاشف علي پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، گورنمينٽ نذرت گرلز ڪاليج حيدرآباد جي شاگرديائي مناهل ميمڻ ٻي پوزيشن ماڻي، جڏهن ته گورنمينٽ غلام حسين هدايت الله هائير سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد جي محمد حميل پٽ ذوالفقار علي ۽ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول باقر جمالي جي عابده گڏيل طور ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي. پري انجنيئرنگ گروپ جي انگن اکرن موجب 13,071 اميدوار رجسٽرڊ ٿيا، جن مان 12,959 امتحان ۾ شريڪ ٿيا، جڏهن ته 11,888 اميدوار ڪامياب ۽ 907 ناپاس ٿيا، ٻئي طرف ڪمپيوٽر سائنس گروپ ۾ ٽنهي پوزيشنن تي شاگرديائين ميدان ماري ورتو گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ٽنڊو محمد خان جي قرة العين ڌيءَ منظور علي 1100 مان 933 مارڪون کڻي پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، گورنمينٽ گرلز ڪاليج حيدرآباد (زبيده) جي مريم بي بي ڌيءَ محمد اسلم 916 مارڪون کڻي ٻي، جڏهن ته ورڪرز انٽرميڊيٽ ڪاليج فار گرلز سائيٽ ڪوٽڙي جي آمنه علي ڌيءَ ارشاد علي 914 مارڪون حاصل ڪري ٽئين پوزيشن ماڻي ڪمپيوٽر سائنس گروپ ۾ 3,723 اميدوار رجسٽرڊ ٿيا، جن مان 3,661 امتحان ۾ شريڪ ٿيا. مجموعي طور 3,475 اميدوار ڪامياب ۽ 149 ناپاس ٿيا، حيدرآباد تعليمي بورڊ انتظاميا موجب ٻنهي گروپن جا نتيجا بورڊ جي سرڪاري ويب سائيٽ تي جاري ڪيا ويا آهن. ڪنٽرولر امتحانات شڪيل احمد لغاري موجب نتيجا تيار ڪرڻ دوران شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص اپاءَ ورتا ويا.

بقايا 13

هو ۽ سندس ڳچيءَ تي تکي اوزار جو زخم موجود هو. پوليس جو چوڻ آهي ته موت جي حقيقي سبب جو تعين پوسٽ مارٽم ذريعي ڪيو ويندو، ان دوران گيسٽ هائوس ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪئي پئي وڃي، ان کان علاوه، مقتول جي آخري سرگرمين ۽ رابطن بابت تفصيل پڻ گڏ ڪيا پيا وڃن.

بقايا 14

ڙ خاص طبي ٽيم رواني ٿي وئي آهي، ان ٽيم جي اڳواڻي پمز اسپتال جي ڊاڪٽر عارف خان ڪئي. ذريعن ٻڌايو ته طبي ٽيم جي مدد آڊيالا جيل اسپتال جي طبي عملي ڪئي. ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته پي ٽي آءِ باني جو مڪمل طبي معائنو ڪيو ويو جنهن ۾ بلڊ پريشر، ڪوليسٽرول جي سطح ۽ اکين جي صحت جو معائنو شامل هو.

بقايا 15

ن الحق چيو ته دهشتگردي مخالف عدالت ريڊيو پاڪستان جي وڪيل جي درخواست تي مختلف ويڊيوز جي فارنزڪ ڪري رهي آهي، جڏهن ته نه ته ريڊيو پاڪستان ان ڪيس جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي ۽ نه ئي اهي ان ۾ مدعي آهن. هن وڌيڪ چيو ته ريڊيو پاڪستان جي درخواست تي ڪارروائي روڪي وڌيڪ جوابدارن کي نامزد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ۽ پراسيڪيوشن جي موجودگيءَ ۾ پرائيويٽ ڪائونسل جو مقرر ٿيڻ غير قانوني آهي جيڪو هن وقت پراسيڪيوشن تي اثر انداز ٿي رهيو آهي. صوبائي حڪومت پاران استدعا ڪئي وئي آهي ته اي ٽي سي (ATC) جي 11 ڊسمبر 2025 واري فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ انهن درخواستن تي حتمي فيصلي تائين اي ٽي سي جي فيصلي تي عملدرآمد معطل رکيو وڃي. عدالت درخواست رد ڪري ڇڏي. واضح رهي ته دهشتگردي مخالف عدالت جي جنهن حڪم کي چيلينج ڪيو ويو آهي ان تي پهرين ئي عملدرآمد ٿي چڪو آهي ۽ وڊيو فارنزڪ رپورٽ پوليس کي موصول ٿي چڪي آهي.

بقايا 16

۾ اضافو ٿي سگهي ٿو وڌ کان وڌ گرمي پد 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رڪارڊ ٿيڻ جو امڪان آهي، موسمياتي کاتي ٻڌايو ته اڄ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 27 ڊگري سينٽي گريڊ رهيو ۽ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم گرم ۽ گهم وارو رهڻ جو امڪان آهي. کاتي موجب، صبح جو هوا ۾ گهم جو تناسب 74 سيڪڙو رڪارڊ ڪيو ويو ۽ اتر اولهه کان هوائون 4 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهيون آهن.

بقايا 17

لاش هٿ آيا آهن. پوليس موجب لاش ڊاڪٽر عمر جي گهر واري ۽ 3 ڌيئرن جا آهن لاش هڪ ئي ڪمري مان مليا آهن. ڊاڪٽر عمر احسن آباد ۾ واقع ڪنهن اسپتال ۾ ڪم ڪندو آهي. واقعي جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ ڪرائم سين يونٽ کي به طلب ڪيو ويو ايس ايس پي ايسٽ زبير نظير شيخ صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته مددگار 15 تي پاڙيسرين اطلاع ڏني، پوليس پهچي فليٽ جو دروازو ڀڃي اندر داخل ٿي جتي مڙس، زال ۽ ٽن ٻارن جا لاش هڪ ئي ڪمري ۾ موجود هئا. هن ٻڌايو ته ڊاڪٽر عمر جو هڪ ڀاءُ پنجاب جو رهواسي آهي جيڪو لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيو آهي. ٽنهي ٻارن جون عمرون 10 سالن کان به گهٽ آهن. ايس ايس پي ايسٽ جو چوڻ هو ته ڪرائم سين يونٽ واقعي واري هنڌان شاهدين گڏ ڪري رهيو آهي ڪجهه به چوڻ وقت کان اڳ هوندو پوسٽ مارٽم کان پوءِ موت جو سبب سامهون اچي سگهندو ريسڪيو اختيارين طرفان لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيا پيا وڃن ته جيئن موت جا سبب خبر پئجي سگهن. سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار واقعي جا تفصيل طلب ڪندي ايس ايس پي ايسٽ کي هدايت ڪئي ته شروعاتي پوليس ڪارروائي ۽ قدمن کان فوري طور تي آگاهه ڪيو وڃي، واقعي جي جاچ ۽ تحقيق جي حتمي نتيجن کي سامهون آندو وڃي. گهرو وزير جي ترجمان سهيل احمد جوکيو موجب واقعي واري هنڌان حاصل ڪيل اکين ۽ واقعاتي شاهدين کي نظر ۾ رکندي واقعي پٺيان سببن جو پتو لڳايو ويندو سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار چيو ته ايس ايس پي ايسٽ پنهنجي نگراني ۾ واقعي جي جاچ کي موثر ۽ بهتر بڻائي واقعي جي هر لمحي جي جاچ ۽ اڳڀرائي کان آگاهه رکيو وڃي.

بقايا 18

کي مختلف منصوبن تي جاري ڪم، مڪمل ٿيڻ جي مدت، قيمت ۽ تعميراتي پيش رفت بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. آفيسرن چيو ته ملير ميمڻ ڳوٺ ۾ 11.54 ڪلوميٽر ڊگهي روڊ جي تعمير جاري آهي جنهن جي تخميني قيمت 1428 ملين رپيا آهي. منصوبي تي تعميراتي ڪم فيبروري 2026 ۾ شروع ڪيو ويو هو ۽ ان کي 24 مهينن ۾ مڪمل ڪرڻ جو هدف آهي. روڊ جي ويڪر 7.3 ميٽر آهي جڏهن ته منصوبي ۾ 125 ميٽر ڊگهو فلائي اوور پڻ شامل آهي. هي روڊ ايڪسپريس وي کان ملير ندي روڊ ذريعي تعمير ڪيو پيو وڃي، جنهن جي مڪمل ٿيڻ سان ملير ميمڻ ڳوٺ ۽ آس پاس جي علائقن کي مکيه هاءِ ويز سان بهتر رابطو فراهم ٿيندو مڪاني ادارن واري وزير کي اسڪيم 33 ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته چار وڏين روڊن جي تعمير جاري آهي، جڏهن ته 24 ڪلوميٽر ڊگهي ٻن لين واري روڊ جي تعمير جي تخميني لاڳت 1987 ملين رپيا آهي ۽ منصوبي جو تقريباً 70 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪو آهي. منصوبي کي مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. آفيسرن موجب، اسڪيم 33 ۾ تعمير هيٺ روڊن جو نيٽ ورڪ ايم-9 موٽروي ۽ سپر هاءِ وي سان رابطي کي وڌيڪ بهتر بڻائيندو جڏهن ته مهراڻ روڊ کان لنڪ روڊ تائين تعمير ٿيندڙ روڊ جي ويڪر 10 ميٽر آهي. ان کان علاوه، مدراس روڊ، رومي روڊ ۽ سچل سرمست روڊ کان لنڪ روڊ تائين تعمير پڻ جاري آهي. انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان اسڪيم 33 ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ رهندڙ لکين شهرين کي سفر جي بهتر سهولتون ملنديون ۽ اهم هاءِ ويز تائين رسائي آسان ٿيندي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ٿادو نالا تي روڊ جي تعمير سان گڏ هڪ پل پڻ تعمير ڪيو پيو وڃي، جيڪو علائقي ۾ ٽرئفڪ جي مسئلن کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪندو صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه موقعي تي سيني منصوبن جو جائزو وٺندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي، منصوبن کي مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪيو وڃي ۽ هر قيمت تي تعمير جي معيار کي يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ ۽ معيار ٻنهي تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي. موقعي تي مختلف منصوبن جو مسلسل جائزو وٺڻ جو مقصد ڪم جي رفتار ۽ معيار جي سڌي طرح نگراني ڪرڻ آهي. ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته مقرر وقت کان اڳ مڪمل ٿيندڙ منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي ۽ شهرين کي سهولت فراهم ڪئي وڃي. هن چيو ته ڪراچي ۾ ڪيترن ئي ننڍن ۽ وڏن روڊن جي تعمير ۽ بحالي تي ڪم جاري آهي. سنڌ حڪومت ترقياتي منصوبن لاءِ فنڊ فراهم ڪيا آهن. ايف ڊبليو او سميت لاڳاپيل ادارن کي ڪراچي ۾ اهم منصوبن جي ذميواري ڏني وئي آهي ۽ حڪومت چاهي ٿي ته انهن منصوبن جا نتيجا جلد ماڻهن تائين پهچن. صوبائي وزير بلديات چيو ته ڪراچي جي روڊ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيحن مان هڪ آهي. نون روڊن جي تعمير سان گڏ، مختلف علائقن کي ايم-9 موٽروي، سپر هاءِ وي ۽ ٻين اهم شاهراهن سان ڳنڍيو پيو وڃي ته جيئن وڌندڙ آبادي ۽ ٽرئفڪ جي دٻاءُ کي نظر ۾ رکندي شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن. ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري وٽ ترقي ۽ تعمير جو واضح وژن آهي ۽ سنڌ حڪومت ان وژن تحت عوامي ڀلائي ۽ شهري انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي يونين ڪائونسل کان وٺي شهر جي سطح تائين مقامي حڪومتي ادارن کي وڌيڪ بااختيار بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۽ حڪومت چاهي ٿي ته مقامي حڪومتي نظام ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري. مقامي حڪومتي چونڊن جي حوالي سان هن چيو ته چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جي اختيار ۾ آهي، سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته مقامي حڪومتي چونڊن ۾ ڪا به غير ضروري دير نه ٿئي. پيٽروليم ليوي بابت سوال تي، مقامي حڪومت جي وزير چيو ته چيئرمين پي پي بلاول ڀٽو زرداري پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جي ڳالهه به ڪئي آهي، پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ جي ڪري عوام کي رليف ۽ سهولت ملڻ گهرجي. سياسي معاملن تي ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته تشدد ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي، سياسي اختلاف جمهوري ۽ پرامن طريقي سان حل ڪرڻ گهرجن. هن چيو ته سياسي پارٽين کي عوامي مسئلن ۽ شهرين کي درپيش مشڪلاتن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان موقعي تي، مڪاني ادارن واري وزير لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي روزاني بنيادن تي جاري ترقياتي منصوبن جي نگراني ڪن. تعميراتي ڪم ۾ معيار ۽ رفتار ٻنهي کي برقرار رکن ۽ يقيني بڻائين ته شهرين کي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ غير ضروري انتظار نه ڪرڻو پوي. حڪومت ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبن کي تيزي سان مڪمل ڪرڻ ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ بهتر روڊ نيٽ ورڪ ۽ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

بقايا 19

ڀيڻ عليمه خان کي پوليس گرفتار ڪري ورتو. ذريعن جو چوڻ آهي ته عليمه خان کي لاهور مان گرفتار ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻ عليمه خان کي لاهور مان انهي وقت گرفتار ڪيو ويو جڏهن هو پنهنجي ڊرائيور سان گڏ جيمخاني وڃي رهي هئي. باني پي ٽي آءِ جي ڀيڻ عليمه خان کي ڪوٽ لکپت جيل پهچايو ويو جڏهن ته سندس گاڏي مزنگ ٿاڻي ۾ بيٺل آهي. عليمه خان کي ٿري ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو ويو آهي. اها اپر مال ۾ واقع پنهنجي گهر کان جيمخاني جي لاءِ نڪتي هئي ته لٽن روڊ پوليس کيس گرفتار ڪري ورتو سندس گاڏي ٿاڻي ۾ بيٺل آهي کيس ڪوٽ لکپت جيل منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس ڊي سي کي درخواست ڪئي جنهن ٿري ايم پي او جو حڪمنامو به جاري ڪري ڇڏيو.

بقايا 20

ح جي پهرين ڏينهن تي مڪمل طور تي فعال بڻائي سگهجي. وزيراعليٰ هائوس ۾ اي ايم اوز بابت جائزي اجلاس جي صدارت ڪندي، وڏي وزير چيو ته حڪومت سڄي سنڌ ۾ تعليمي انفراسٽرڪچر کي وڌائڻ لاءِ غير معمولي سيڙپڪاري ڪئي آهي، جڏهن ته انهن منصوبن جي ڪاميابي جو اصل اندازو اهو هوندو ته ڪيترا ٻار اسڪولن ۾ داخل آهن ۽ تعليمي نظام ۾ برقرار آهن. اجلاس ۾ تعليم وارو وزير سيد سردار علي شاهه، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ نجم شاهه، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، ڊائريڪٽر جنرل پي پي پي يونٽ اسد ضامن، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ايس ايس اي آءِ پي رضوان سومرو ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شريڪ هئا. هن چيو ته اهي منصوبا لڳ ڀڳ 250,000 ٻارن لاءِ تعليمي موقعا پيدا ڪندا. ان ۾ ٻوڏ متاثر ضلعن جا 221,000 کان وڌيڪ شاگرد شامل آهن، جڏهن ته 28,000 کان وڌيڪ شاگرد نون اپ گريڊ ٿيل سيڪنڊري اسڪولن ۾ داخل ٿيندا. انهن مان گهڻا ٻار انهن اسڪولن جي آس پاس وارن علائقن مان داخل ڪيا ويندا جتي معياري تعليم تائين رسائي اڃا تائين محدود آهي. تعليم واري وزير وڏي وزير کي ٻڌايو ته ڊسمبر 2026 تائين 257 اسڪول مڪمل ٿيڻ جو شيڊول آهي، جڏهن ته جون 2027 تائين مڪمل ٿيندڙ اسڪولن جو ڪل تعداد 611 تائين پهچي ويندو باقي اسڪولن کي 2027 جي آخر تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. وڏي وزير تعميراتي ڪم جي رفتار تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته هاڻي ايندڙ چيلينج اهو يقيني بڻائڻ آهي ته شاگردن کي انهن اسڪولن ۾ داخلا ڏني وڃي ۽ اهي ادارا صوبي ۾ خواندگي ۽ تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. وڏي وزير چيو ته اسان جو مقصد صرف اسڪول جون عمارتون تعمير ڪرڻ ناهي. اسان کي يقيني بڻائڻو آهي ته هر ڪلاس روم سکڻ لاءِ تيار ٻارن سان ڀريل هجي. انهن اسڪولن ۾ تقريباً اڍائي لک ٻارن کي تعليمي نظام ۾ آڻڻ ۽ خواندگي جي شرح کي بهتر بڻائڻ جي صلاحيت آهي، خاص طور تي ڇوڪرين ۽ انهن علائقن ۾ رهندڙ ٻارن لاءِ جتي تعليمي سهولتون ڪافي نه آهن. سيد مراد علي شاهه تعليم کاتي کي هدايت ڪئي ته اسڪولن جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ ضلعي سطح تي داخلا جا منصوبا تيار ڪيا وڃن ۽ چونڊيل نمائندن، مقامي اڳواڻن، اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽين، والدين، ڪميونٽي تنظيمن ۽ اين جي اوز کي هڪ مربوط داخلا مهم ۾ شامل ڪيو وڃي.

بقايا 21

2026ع جي جائزي لاءِ سمنڊ ۽ ڪريڪس جي علائقي ۾ مقرر يونٽس جو دورو ڪيو آءِ ايس پي آر طرفان جاري پريس رليز مطابق پهرين سيپٽمبر کان جاري اها ٻن سالن جي مشق بحري آپريشنز سميت سمورن پهلوئن جو احاطو ڪري ٿي، جنهن ۾ آپريشنل تياري ۽ امن جي دور کان جنگي حالتن طرف فوري منتقلي جي صلاحيت کي پرکيو وڃي ٿو جنگ جي بدلجندڙ نوعيت کي نظر ۾ رکندي، هن سال جي مشق ۾ انفارميشن انوائرنمنٽ ۾ آپريشنز ملٽي ڊومين آپريشنز ۽ بنا پائليٽ جي هلندڙ نظامن جو وسيع پيماني تي استعمال به شامل ڪيو ويو آهي. پاڪ بحريه جي سربراهه مشق ۾ شريڪ اهلڪارن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن پيشيوراڻي مهارت، بلند حوصلي، آپريشنل تياري ۽ سمنڊ ۾ ناقابل تسخير رهڻ جي عزم کي ساراهيو.

بقايا 22

ڪيپٽن حمزه اڪرم جي گهر ويو. گهرو وزارت پاران جاري بيان مطابق وفاقي گهرو وزير شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي والد ۽ ڀاءُ سان ملاقات ڪئي، دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو وفاقي گهرو وزير شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. هن شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرن جي والد جي بلند حوصلي ۽ جذبي کي ساراهيو ان موقعي تي شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي والد چيو ته منهنجو پٽ حمزه پاڪستان تي قربان ٿيو ٻيو پٽ به پاڪستان لاءِ حاضر آهي. شهيد حمزه اسانجو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پاڪستان آهي ته اسان آهيون، پاڪستان ناهي ته ڪجهه به ناهي. وفاقي گهرو وزير چيو ته توهان جهڙي عظيم والد جي حوصلي تي سڄي قوم کي فخر آهي. محسن نقوي چيو ته ڪيپٽن حمزه اڪرم 7 خوارجين کي جهنم پيڙو ڪري بهادري جو اعليٰ مثال قائم ڪيو هن چيو ته شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم اسان جي دلين ۾ زنده آهي ۽ هميشا زنده رهندو واضح رهي ته ڪيپٽن حمزه اڪرم هنگو ۾ خوارجين جو بهادري سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيو هو.

بقايا 23

ريٽري محسن رضائي چيو آهي ته تهران قطري ثالث ذريعي آمريڪا سان ڳالهين جي بحالي لاءِ 3 شرطون پيش ڪيون آهن ۽ هاڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي جواب جو انتظار ڪري رهيو آهي. الجزيره سان ڳالهائيندي رضائي چيو ته ڪنهن به معاهدي تائين پهچڻ لاءِ ايران سيني محاذن تي دشمني ختم ڪرڻ، منجمد ڪيل ايراني اثاثن جي آزادي ۽ آمريڪي بحري ناڪ بندي (ناڪه بندي) ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته ايران قطر جي وچورتي ڪندڙ سان مسلسل رابطي ۾ آهي، جنهن تران جا مطالبا واشنگٽن تائين پهچائي ڇڏيا آهن. رضائي موجب، ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ مهينن تائين جاري رهندڙ تڪرار دوران اڻ سڌي سفارتڪاري جو عمل جاري رهيو اهي رابطا اسلام آباد ميمورينڊم آف انڊرسٽينڊنگ (سمجهوتي) جي مدي ختم ٿيڻ کان پوءِ به برقرار رهيا. قابل ذڪر آهي ته اهو سمجهوتو جون ۾ پاڪستان جي ميزبانيءَ ۾ ٿيل ڳالهين ڪانپوءِ دستخط ڪيو ويو هو، جنهن جو مقصد دشمني کي روڪڻ ۽ هڪ وسيع معاهدي لاءِ راهه هموار ڪرڻ هو.

بقايا 24

ٿيو جنهن ۾ مينٽل هيلٿ ڪانفرنس جي تيارين جو جائزو ورتو ويو. صحت واري وزارت جي ترجمان موجب پاڪستان پهرين ڀيرو آڪٽوبر ۾ گلوبل مينٽل هيلٿ سميت 2026ع جي ميزباني ڪندو جنهن ۾ قومي ۽ عالمي ماهر پاليسي ساز، لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز، وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ پارليامينٽيرينز جا نمائندا به شرڪت ڪندا. هن چيو ته موسمياتي خطرن ۽ مستقبل جي چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتي ذهني صحت جو نظام سمت جو مرڪزي موضوع بڻجي چڪو آهي. اجلاس ۾ ڊاڪٽر مختار احمد ڀرٽ چيو ته پاڪستان ۾ ذهني، اعصابي ۽ منشيات جي استعمال بابت بيمارين جو بار نمايان آهي، محدود وسيلن ۽ وکريل نظام سبب ذهني صحت جون سهولتون وڏن شهرن تائين محدود آهن. اندازي مطابق 10 کان 16 سيڪڙو بالغ ماڻهو هلڪي کان وچولي درجي جي نفسياتي مسئلن جو شڪار آهن جڏهن ته هڪ کان ٻه سيڪڙو ماڻهو شديد نوعيت جي ذهني بيمارين کان متاثر آهن. هن چيو ته ذهني صحت جا مسئلا پاڪستاني عورتن ۾ معذوري جي بار ۾ نمايان حصو وجهن ٿا، ملڪ ۾ ذهني صحت جون خدمتون ناهن جنهن سبب وڏو خال موجود آهي. ساليانو 80 سيڪڙو کان وڌيڪ ذهني مريض باقاعده علاج کان محروم رهن ٿا، 24 ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي لاءِ تقريباً 500 نفسياتي ماهر ۽ 200 ڪلينڪل سائيڪالاجسٽ خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته موسمياتي تبديلي ۽ قدرتي آفتون ذهني مسئلن ۾ واڌ ڪن ٿيون. 2022ع جي ٻوڏ سبب تقريباً 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو متاثر ٿيا، ٻوڏ جو پاڻي لهي وڃي ٿو پر ذهني صحت تي ان جا اثر رهن ٿا. مملڪتي وزير چيو ته ٻوڏ سبب متاثر ٻار ۽ به قدرتي آفتن جي ذهني اثرن جو شڪار آهن. متاثر علائقن ۾ هر پنجن مان هڪ ماڻهو کي ذهني صحت جي خدمتن جي ضرورت پيش اچي سگهي ٿي. هن چيو ته شروعاتي جائزن موجب متاثر آباديءَ جا 38 سيڪڙو ماڻهو ڊپريشن ۽ 20 سيڪڙو ۾ اضطراب جون علامتون موجود آهن. 2020ع ۾ ذهني بيمارين سبب ملڪي معيشت کي تقريباً 617 ارب روپين جي نقصان جو ڪاٿو لڳايو ويو. هن چيو ته صحت واري وزارت صوبن ۽ علائقن جي مشاورت سان قومي ذهني صحت پاليسي 2026-35ع جي تياري تي ڪم ڪري رهي آهي. ان پاليسي جو مقصد ترجيحون ۽ عزم کي صوبائي ۽ علائقائي سطح تي عملي قدمن ۾ تبديل ڪرڻ آهي.

بقايا 25

عوام کي سستي پيٽرول جي فراهمي جي جاري عمل جو مشاهدو ڪيو جڏهن ته 6 ڪلاڪن کان وڌيڪ کليل ڪچهري ۾ عوام جون شڪايتون ٻڌي موقعي تي مسئلن جي حل لاءِ حڪم جاري ڪيا. ناڻي واري وزارت پاران آچر تي جاري بيان مطابق مملڪتي وزير ضلعي انتظاميه جي اختيارين سان گڏ پيٽرول پمپس جي دوري دوران شهرين سان ڳالهيون به ڪيون. ان موقعي تي مفت فون نمبر 9771 تي پيغام موڪلي ۽ ان جي جواب جو به عملي مشاهدو ڪيو هن شهرين سان ڳالهائيندي چيو ته فيول سبسڊي اسڪيم تحت موٽر سائيڪل، چنگ چي رڪشا ۽ 800 سي سي تائين جون گاڏيون استعمال ڪندڙ عوام کي پيٽرول فراهم ڪيو پيو وڃي، عوام سان ڳالهائي خوشي ۽ اطمينان حاصل ٿيو آهي ته رليف جي عوام کي فراهمي جو عمل تيزي رهيو آهي. هن چيو ته خطي جي ڇڪتاڻ واري صورتحال جي نتيجي ۾ تيل جي قيمتن تي اثرن سبب سمورا ملڪ متاثر ٿي رهيا آهن. وزيراعظم شهباز شريف عوام کي مهانگائي کان بچائڻ لاءِ سمورا امڪاني قدم کڻي رهيو آهي.

بقايا 26

ادي ۽ عوام سان لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم کنيو آهي، ٻنهي پاسن جي وچ ۾ تعاون لاءِ هڪ دلچسپي جي خط (LoI) تي دستخط ڪيا ويا آهن. دلچسپي جي خط (LoI) تي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ ۽ انفارميشن، سنڌ حڪومت جي سينئر وزير جناب شرجيل انعام ميمڻ ۽ هونان پرڏيهي معاملن جي آفيس (FAO) پاران دستخط ڪيا ويا.) جي ڊائريڪٽر جنرل مسز گونگ پاران دستخط ڪيا ويا هئا دستخط جي تقريب سنڌ ۽ هونان جي وچ ۾ تعاون کي وڌائڻ ۾ هڪ اهم سنگ ميل جي نشاندهي ڪري ٿي، جيڪا باهمي دلچسپي جي شعبن ۾ وڌيڪ شموليت لاءِ هڪ فريم ورڪ ٺاهيندي ۽ اقتصادي، واپاري، سيڙپڪاري، ٽيڪنيڪل ۽ ثقافتي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪندي. تقريب ۾ ٻنهي پاسن جي اعليٰ عملدارن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي، جن ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن بابت خاص مددگار، جناب قاسم نويد قمر ۽ گوانگزو ۾ پاڪستان جي قونصل جنرل، جناب ياسر اقبال بٽ شامل هئا. هي ترقي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري جي هن سال اپريل ۾ هونان جي دوري جي پس منظر ۾ آئي آهي، جنهن ٻنهي صوبن جي وچ ۾ تعاون جي مضبوط بنياد رکي. اميد آهي ته خط آف انٽريسٽ ويجهڙائي اداري هم آهنگي کي آسان بڻائيندو، ڪاروبار کان ڪاروبار رابطن کي فروغ ڏيندو سيڙپڪاري ۽ ٽيڪنالاجي پائيداري کي فروغ ڏيندو ۽ ٻنهي صوبن ۾ ڪاروبار ۽ ماڻهن لاءِ نوان موقعا پيدا ڪندو سنڌ جي متنوع معاشي صلاحيت ۽ هونان جي مضبوط صنعتي، ٽيڪنالاجي ۽ زرعي صلاحيتن سان، مضبوط پائيداري عملي تعاون ۽ باهمي طور تي فائديمند ترقي لاءِ هڪ پليٽ فارم فراهم ڪري ٿي. دستخط ٻنهي پاسن جي گڏيل عزم کي به مضبوط ڪري ٿو ته جيئن پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ ڊگهي عرصي کان قائم دوستي کي اقتصادي ترقي، سيڙپڪاري، جدت، علم جي تبادلي ۽ ماڻهن کان ماڻهن جي رابطن جي صورت ۾ واضح نتيجن ۾ تبديل ڪري سگهجي.

بقايا 27

۾ قيرقار ۽ مبينا جعلي کاتا تيار ڪرڻ جي الزامن خلاف علائقي واسين ۾ سخت بيچيني پکڙجي وئي آهي. متاثر بيواهه مسمات آمنت خاتون ۽ ٻين عورتن، ٻارن ۽ ڳوٺاڻن سان گڏ احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو پنهنجو موقف پيش ڪيو بيواهه آمنت خاتون جو الزام هنيو ته سندس ابن ڏاڏن جي ملڪيت واري زمين بابت مبينا طور روينيو رڪارڊ ۾ قيرقار ڪري زمينون ٻين جي نالن تي ڏيکارڻ، مبينا جعلي کاتا تيار ڪرڻ ۽ بعد ۾ زمينن تي قبضو ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن. متاثرن جو الزام آهي ته A.Y. ڪمپني مبينا طور تي پاڪ آرمي جو نالو استعمال ڪري ڪجهه ڌريون مقامي مبينا دلالن جي ذريعي روينيو کاتي سان ملي ڀڳت ڪري زمينن بابت رڪارڊ ۽ دستاويزن ۾ مبينا تبديليون ڪرائي رهيون آهن. ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو ته انهن الزامن جي آزاد ۽ شفاف جاچ ڪرائي اصل حقيقت سامهون آندي وڃي. بيواهه آمنت خاتون جو چوڻ هو ته زمين تي مبينا قبضي جي خبر پوڻ کان پوءِ هوءَ سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ۽ کيس به ڀيرا صحت جا سنگين مسئلا پيش آيا. هن چيو ته هوءَ پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمين جي حق لاءِ آواز اٿاري رهي آهي ۽ ڪنهن به قسم جي ناجائز قبضي کي قبول نه ڪندي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته هو نسلن کان هاليجي، ٻٽو ڪاڏي، هالات ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ آباد آهن ۽ زمينون سندن ابن ڏاڏن جي دور کان قبضي ۽ استعمال ۾ رهيون آهن. هنن سوال اٿاريو ته جيڪڏهن ڪنهن زمين جي ملڪيت، منتقلي يا ڪمپني کي ڏنل اجازت بابت قانوني رڪارڊ موجود آهي ته اهو عوام ۽ لاڳاپيل زميندارن آڏو پيش ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن خاص طور تي مطالبو ڪيو ته A.Y. ڪمپني سان لاڳاپيل زمينن جي کاتن، فردن، انتقالن ۽ ٻين رڪارڊ جي مڪمل ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي. سندن چوڻ هو ته جيڪڏهن اڳ ۾ ڪنهن رڪارڊ، کاتي يا داخلا کي منسوخ ڪيو ويو آهي ته UC_7/3 ۽ UC_7/4 سان لاڳاپيل مبينا جعلي يا تڪراري رڪارڊ جي پڻ قانون موجب جاچ ڪري ختم يا درست ڪيو وڃي. ڳوٺاڻن نيب، اينٽي ڪرپشن، ڊپٽي ڪمشنر، روينيو اختيارين ۽ پوليس سميت لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته هاليجي، هالات، ٻٽو ڪاڏي ۽ ڀرپاسي جي زمينن بابت مبينا جعلي کاتن، روينيو رڪارڊ ۾ قيرقار، غيرقانوني منتقلي، سرڪاري ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن تي مبينا قبضي، ڪمپنين کي ڏنل اجازت نامن، ليزن ۽ ٻين سرڪاري دستاويزن جي آزاد، شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي. هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته جاچ دوران پراڻن کاتن، فردن، انتقالن، زمينن جي مالڪي، ڪمپنين کي ڏنل اجازت نامن، ليزن ۽ ٻين لاڳاپيل سرڪاري رڪارڊ جو مقابلو ڪري حقيقت معلوم ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهلڪار، ڪمپني يا ڪنهن ٻي ڌر جو غيرقانوني ڪردار ثابت ٿئي ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. بيواهه آمنت خاتون ۽ احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن فيلڊ مارشل عاصم منير، چيف جسٽس آف پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان ۽ وزيراعليٰ سنڌ کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي سندن زمينن جي مبينا قبضي ۽ رڪارڊ ۾ قيرقار بابت شفاف جاچ ڪرائي کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هنن واضح ڪيو ته جيڪڏهن سندن مسئلو حل نه ٿيو ۽ زمينن بابت مبينا غيرقانوني سرگرمين جو سلسلو جاري رهيو ته هو قانوني ۽ پرامن احتجاج جو سلسلو وڌيڪ وسيع ڪرڻ سان گڏ پنهنجو آواز هر لاڳاپيل فورم تي بلند ڪندا.

بقايا 28

سان ملاقاتن جي ترديد نه ڪئي ۽ چيو ته اهڙيون ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن ۽ ڳالهيون ٿيڻ گهرجن، پر هن وقت ماحول خاموش آهي ۽ اڃا تائين ڪا اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي. هن يقين ڏياريو ته احتجاج دوران ڪنهن به قانون جي ڀڃڪڙي نه ڪئي ويندي ۽ نه ئي رستا بند ڪيا ويندا، ۽ لانگ مارچ لاءِ سرڪاري وسيلن جو بلڪل به استعمال نه ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته عدالت کي خيبر پختونخواهه جي انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي) کان حلف نامي جو مطالبو نه ڪرڻ گهرجي ها، ۽ نه ئي اهڙو تاثر پيدا ڪرڻ گهرجي ها ته خيبر پختونخواهه جا ماڻهو ۽ پوليس پاڻ ۾ ٽڪرائجي سگهن ٿا. بيرسٽر گوهر ٻڌايو ته خيبر پختونخواهه پوليس جي آپريشنل صلاحيت وڌائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن ۽ صوبي گذريل سال پوليس کاتي تي 45 ارب رپيا خرچ ڪيا. هن وڌيڪ چيو ته اهي يقيني بڻائيندا ته پوليس جي معاملن ۾ ڪا به سياسي مداخلت نه ٿئي، جڏهن وڏي وزير کي پوليس تي اختيار ملندو ته هو اهي اختيار ذاتي پسند جي بنياد تي استعمال نه ڪندو بلڪ فورس کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻندو.

بقايا 29

ي ڪوهاٽ جو دورو ڪيو جتي هن اسپتال جو دورو ڪري پوليس لائنز دهشتگردي جي واقعي ۾ زخمي ٿيندڙ پوليس اهلڪارن جي عيادت ڪئي. سهيل آفريدي ڪوهاٽ پوليس لائنز دهشتگردي جي شهيدن جي گهر ڀاتين سان ملاقات ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو. هن چيو ته خيبرپختونخواهه 2004 کان هيئنر تائين دهشتگردي جي خلاف تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون. خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي سبب 80 هزار قيمتي جانيون ضايع ٿيون. پي ٽي آءِ باني عمران خان جي حڪومت ۾ خيبرپختونخواهه ۾ امن قائم هو هن چيو ته قبائلي ضلعن جون معاشي حالتون خراب ٿي ويون آهن. خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي وڌي وئي آهي جيڪا اڄان به وڌي رهي آهي. دهشتگردي ۾ اضافي جو هڪ سبب ناڪام پرڏيهي پاليسي آهي. بند ڪمرن ۾ ويهي فيصلا ڪندڙ پاليسي ڪارآمد ۽ موثر نه آهي. سهيل آفريدي جو چوڻ هو ته موجوده پاليسي امن قائم ڪرڻ جي لاءِ بهتر نه آهي. اسان جي پاليسي پي ٽي آئي جي فائدي جي لاءِ نه، ڪي پي ڪي ۽ ملڪ جي فائدي لاءِ آهي. اسان جي پاليسي تي عمل ڪيو وڃي ته 100 ڏينهن ۾ امن قائم ٿي سگهي ٿو پر مسئلو اهو آهي ته اسان جي پاليسي تي عمل ڪير ڪندو هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه ماڻهو پي ٽي آئي کي ختم ڪرڻ ۾ لڳل آهن. هڪ صوبي جو وزيراعليٰ ٻئي صوبي وڃي ٿو ته انهي سان ڪهڙو رويو اختيار ڪيو ويندو آهي. وزيراعليٰ کي ٻئي صوبي ۾ احتجاج کان روڪيو ويندو آهي. وفاقي ادارا پي ٽي آئي کي ختم ڪرڻ ۾ مصروف آهن. سهيل آفريدي جو چوڻ هو ته اسان کي دهشتگرد چيو وڃي ٿو ۽ چيو ويندو آهي ته پارٽ کان خطرو نه آهي، جيڪڏهن پارٽ کان خطرو نه آهي ته ٽن صوبن کان خطرو چو قرار ڏنو پيو وڃي. خيبرپختونخواهه جي عوام ۽ پوليس کي پنهنجي لاءِ پاڻ بيهڻو پوندو مان پنهنجي عوام سان گڏ آهيان ۽ انهن سان ئي گڏ رهندس. ياد رهي ته گذريل ڏينهن ڪوهاٽ ۾ پراڻي پوليس لائنز جي مسجد پرسان اوچتي حملي ۾ 16 پوليس اهلڪارن سميت 22 ڄڻا شهيد ٿيا هئا. واقعي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي به ٿيا.

بقايا 30

ڪري سگهندي. اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي اويس احمد خان لغاري جو چوڻ هو ته عوام کي سستي بجلي جي فراهمي اولين ترجيح آهي. ايندڙ پنجن سالن ۾ 800 ميگاواٽ بجلي جي نيلامي ڪئي ويندي. پهرين مرحلي ۾ 400 ميگاواٽ نيلامي جي لاءِ پيش ڪري رهيا آهيون. ڪاروباري ادارا ۽ صنعتون هڪ جهڙن بنيادن تي پاور پلانٽس کان بجلي خريد ڪري سگهندا. هن جو چوڻ هو ته هن وقت حڪومت هڪ نظام جي تحت بجلي خريد ڪري عوام تائين پهچائيندي آهي، بجلي جي خريداري واري شرط بابت عوام جا هميشه سوال اڳيان آيا آهن. آئي پي پيز جو نالو اڄ بدنام ٿي چڪو آهي. توانائي واري وزير اويس لغاري چيو ته حڪومت اڄ کان بجلي جي خريداري کان عملي طور تي ٻاهر ٿي رهي آهي، ڪنهن کي به حق نه هوندو ته حڪومت کي بجلي وڪرو ڪري سگهي ۽ نه حڪومت خريد ڪري سگهندي. ملڪ ۾ بجلي پيدا ڪندڙ ۽ استعمال ڪندڙ پاڻ ۾ بجلي خريد ۽ وڪرو ڪندا. هن ٻڌايو ته بجلي جي خريد ۽ وڪرو جو نظام شفافيت تي ٻڌل هوندو انهي نظام جو لاڳو سيني کان پهريان صنعتي يا وڏن صارفين تي هوندو. ايندڙ سالن ۾ بجلي جي هڪ منڊي بڻجندي، انهي نظام جي تحت هڪ عام صارف به پنهنجي مرضي سان بجلي خريد ڪري سگهندو. هاڻ حڪومت بجلي خريد ڪري زبردستي پنهنجي قيمتن تي عوام کي وڪرو نه ڪري سگهندي. اويس لغاري جو چوڻ هو ته پهرين مرحلي ۾ هڪ ميگاواٽ کان وڏا صارفين انهي مان فائدو کڻندا. سستي بجلي ملڻ سان انڊسٽري عالمي منڊي ۾ هڪ جهڙائي رکي سگهندي. اسان جون صنعتون عالمي منڊين ۾ پنهنجون شيون برآمد ڪري سگهنديون.

بقايا 31

۾ نامعلوم دهشتگردن خلاف داخل ڪيو ويو ڪيس ۾ دهشتگردي، قتل ۽ اقدام قتل سميت ڪيترين ئي قلمون شامل ڪيون ويون آهن. ايف آءِ آر موجب فتنه خوارج جي دهشتگردن بارود سان ڀريل گاڏيءَ ذريعي خودڪش حملو ڪيو، ڌماڪي ڪانپوءِ دهشتگردن فائرنگ ڪئي. حملي ۾ 23 ڄڻا شهيد ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهو زخمي ٿيا. حملي ۾ سرڪاري ۽ خانگي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو.

بقايا 32

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 89 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 25 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ ترتيبوار 18 هزار 400 ڪيوسڪ، خير آباد پل وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ هڪ لک 11 هزار 300 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 13 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 22 هزار ڪيوسڪ، جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 26 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 07 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق تربيلا جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي موجوده سطح 1538.22 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.906 ملين ايڪڙ فٽ آهي. منگلا جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1218.40 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.471 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو، جڏهن ته چشمه جو آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 645.20 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.148 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 33

لباس جي ڏينهن جي تقريب ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي. باڪو جي قديم مرڪزي حصي ايچري شهر جي اسٽيٽ هسٽاريڪل آرڪيٽيڪچرل ريزرو ايڊمنسٽريشن جي انتظام هيٺ منعقد ٿيل تقريب ۾ پاڪستان جي ثقافتي ورثي ۽ روايتي لباسن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو. باڪو ۾ پاڪستاني سفارتخاني پاران جاري ڪيل بيان موجب تقريب ۾ پاڪستان جي روايتن ۽ علائقائي لباسن، ٽرڪ آرٽ، زيورن ۽ دستڪاري جي نمونن کي مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن پاران ڀرپور موٽ ملي. تقريب ۾ چين، ڪوريا، عراق، تاجڪستان، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ روس سميت مختلف ملڪن جي سفارتي مشنز پڻ پنهنجا قومي رقص ۽ روايتي لباس پيش ڪيا. تقريب ۾ آذربائيجان جي حڪومتي عهديدارن سميت اهم شخصيتن، فن ۽ ادب سان تعلق رکندڙ شخصيتن، مختلف ملڪن جي سفارتخانن جي عملي ڀرپور طور تي شرڪت ڪئي. پاڪستاني سفارتخاني جي شرڪت پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ ويجهڙائپ ۽ تاريخي ثقافتي رابطن کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

بقايا 34

جو سلسلو جاري آهي، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي پٽ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو قافلي جي صورت ۾ مزار تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي. جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي مزار تي پهچي والد جي مزار کي جهڪي چمي ڏني، مزار جي احاطي ۾ ڪارڪنن سان گڏ ويهي لنگر ڪاڌو ۽ فاتحه خواني پڻ ڪئي. مزار تي حاضري بعد جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو صحافين سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي ان موقعي تي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو چيو ته اڄ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو سميت 7 شهيدن جي ورسي آهي، 30 سال گذري ويا آهن پر اسان سان گڏ انهن شهيدن کي به اڄ تائين انصاف نه ملي سگهيو آهي. هن چيو ته نظام اسان کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اسان الله کان انصاف وٺنداسين، هن چيو ته هن دنيا ۾ جيستائين ممڪن هوندو اوترو انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رهندي.

بقايا 35

ناڪ ثابت ٿيندي سنڌي ايسوسيئيشن آف يورپ طرفان ملڪ ۾ انتظامي يونٽن جي قيام ۽ سنڌ جي مجوزه تقسيم بابت ڪرايل سيمينار کي خطاب ڪندي سنڌ جي اديب پاڻي ماهر نصير ميمڻ، دانشور ۽ اديب جامي چانڊيو، سينيئر صحافي هن وقت به حڪمران ملڪ کي پنهنجي پيرن تي بيٺل ڏسڻ چاهين ٿا ته ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت، عوامي حق حڪمراني، قانون جي بالادستي انصاف جي فوري فراهمي، قومن کي برابري جا حق، رشوت ۽ اقربا پروري جي خاتمي کي يقيني بڻايو وڃي. پاڻي ماهر نصير ميمڻ چيو ته پنجاب ۽ وفاق اوراهه زوراهي ڪري سنڌ جي حصي جو پاڻي کڻن ٿا هن چيو ته ارسا رپورٽ موجب انڊس ريور سسٽم ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي ته پوءِ حڪمران نوان ڪينال ڪيئي لکين ايڪڙ ڪارپوريٽ فارمنگ واري زمين کي پاڻي ڪٿان ڏيندا، هن چيو ته انڊس ڊيلٽا درياهه جو پاڻي نه ملڻ ڪري مري رهيو آهي ۽ اتي زندگي ختم ٿي رهي آهي ۽ سمنڊ جا اثر به سو ڪلو ميٽر مٿي تائين محسوس ٿي چڪا آهن تقريب ۾ سوالن جوابن جو پڻ سيشن ٿيو جنهن ۾ مقررن سوالن جا تفصيلي جواب پڻ ڏنا، تقريب ۾ برطانيا جي مختلف شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 01

ن ۽ چائلڊ ويلنس ڪيمپ منعقد ڪيو ويو. جنهن جو مقصد ٻارن جي صحت، غذائيت ۽ ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ هو. ڪيمپ ۾ خاندانن، طبي ماهرن، ڪميونٽي ريسورس پرسنز (CRPs)، رضاڪارن ۽ شراڪتدار ادارن شرڪت ڪئي. چائلڊ ويلنس ڪيمپ دوران ايماندار ڊاڪٽر ساجد شيخ ۽ ڊاڪٽر منصور 300 کان وڌيڪ مريضن. جن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل هئا. جو طبي معائنو ۽ صلاح مشورا ڪيا. آغا خان يونيورسٽي (AKU)جي ٽيم ٻارن کي ويڪسينيشن جون سهولتون فراهم ڪيون. جڏهن ته ٻارن ۽ حامله ۽ کير پيارينڌڙ عورتن (PLWs)جي غذائي اسڪريننگ پڻ ڪئي وئي. ٻارن جي صحت جي ڏينهن جي موضوع تي هڪ آگاهي سيشن پڻ منعقد ڪيو ويو. جنهن کي اين او ڊاڪٽر پرٿوي. پي ايچ او نيهه. ڊاڪٽر ساجد ۽ ڊاڪٽر منصور خطاب ڪيو. سيشن دوران ٻارن جي بروقت ويڪسينيشن، متوازن غذائيت، حفاظتي صحت ۽ وقت سر طبي صلاح مشوري جي اهميت تي روشني وڌي وئي. ته جيئن ٻارن جي بهتر واڌ ويجهه ۽ صحت کي يقيني بڻائي سگهجي. CRPs ۽ AKU ٽيم جي نمائندن پڻ پنهنجا تجربا ونڊيا ۽ خاص طور تي پسمانده علائقن ۾ صحت ۽ غذائيت جا بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميونٽي جي مؤثر شموليت جي اهميت تي زور ڏنو. ٻارن جي صحت جي ڏينهن ۽ چائلڊ ويلنس ڪيمپ جو بنيادي مقصد خاندانن، طبي ماهرن ۽ رضاڪارن کي هڪ گڏيل مقصد تحت گڏ ڪرڻ هو. ته جيئن ٻارن جي ذهني، جسماني ۽ روحاني واڌ ويجهه ۽ ڀلائي کي يقيني بڻائي سگهجي. منتظمين CRPs، AKU ٽيم، طبي ماهرن ۽ رضاڪارن جي ڀرپور شرڪت ۽ تعاون کي ساراهيو. جن جي گڏيل ڪوشش سان هي ڪيمپ ڪاميابي سان منعقد ٿي سگهيو. AKRSP جو SNIP منصوبو سنڌ جي پسمانده ۽ گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ غذائيت، حفاظتي ٽيڪن ۽ ڪميونٽي هيلٿ سروسز کي مضبوط بڻائڻ ۽ ضروري طبي سهولتن تائين رسائي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي

بقايا عوامي سوچ 02

ر ۾ اسماعيلي ڪميونٽي جي اڳواڻ سليم خواجا پاران ڏنل آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي خدمت کي پنهنجي اولين ترجيح سمجهي ٿي ۽ ضلعي بدين ۾ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي. عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن بيبي ياسمين شاهه وڌيڪ چيو ته بدين ضلعو پاڪستان پيپلز پارٽي جو قلعو آهي ۽ پارٽي اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ منظم ۽ مضبوط آهي زاتي ڪوشش سان عوام جا مسئلا حل ڪريان پئي بدين ضلعي جي عوام لاءِ در کليل آهن هن دعويٰ ڪئي ته ايندڙ عام چونڊن ۾ پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي اسماعيلي ڪميونٽي جي اڳواڻ سليم خواجا ۽ ٻين پاران ايم پي اي بيبي ياسمين شاهه جي آجيان ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳوٽي ايم پي اي پير امجد شاهه پير وقار جيلاني مير عرفان ٽالپر مير عبدالعزيز جمالي رئيس دانيال نظاماڻي نياز محمد لاشاري مرزو خان دلواڻي ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو غني انصاري سليم خواجا نزار خواجا عابد خواجا شمشاد خواجا نديم خواجا سميت سياسي اڳواڻن شرڪت ڪئي جڏهن ته سماجي معاملن سميت علائقي جي ترقي ۽ عوامي مسئلن بابت پڻ ويچار ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 03

نئين آبادي گداڙو ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب چار پورهيتن جا ڪچا گهر مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا جڏهن ته گهرن ۾ پيل گهريلو سامان. ضروري شيون ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ سڙي رک جو ڍير ٿي ويو متاثر پورهيتن منظور شيخ. عزيز الله. عطا الله ۽ يوسف شيخ موجب هو ڇوهارا مارڪيٽ ۾ روزاني اجرت تي مزدوري ڪري پنهنجن ٻچن جو پيٽ پاليندا آهن سندن چوڻ آهي ته اوچتو گهرن ۾ باهه ڀڙڪي اٿي جنهن ڏسندي ئي ڏسندي ڇئن ئي گهرن کي وڪوڙي ڇڏيو متاثرن جو چوڻ هو ته فائر بريگيڊ کي اطلاع ڏيڻ باوجود عملو بروقت نه پهچي سگهيو جنهن سبب باهه تيزي سان پکڙجي وئي ۽ گهرن سان گڏ سمورو گهريلو سامان به سڙي تباهه ٿي ويو بعد ۾ متاثر خاندانن پنهنجي مدد پاڻ تحت سخت جدوجهد ڪري باهه تي ضابطو آندو واقعي بعد متاثر پورهيت خاندان معصوم ٻارن سميت بي گهر ٿي کليل آسمان هيٺ رهڻ تي مجبور ٿي ويا آهن متاثرن جو چوڻ آهي ته هو اڳ ئي محدود آمدني سبب مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا هئا جڏهن ته هاڻي سندن گهر ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سمورو سامان تباهه ٿي ويو آهي متاثر خاندانن سرندي وارن.چونڊيل نمائندن. ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سندن فوري مالي مدد ڪئي وڃي جيئن تباهه ٿيل گهر ٻيهر تعمير ڪري ٻارن لاءِ ڇت جو بندوبست ڪري سگهجي

بقايا عوامي سوچ 04

ويو. واقعي جي خبر پوندي ئي مقامي ماڻهن درياهه جي ڪناري پهچي پنهنجي مدد پاڻ تحت جدوجهد ڪري نوجوان جو لاش پاڻي مان ٻاهر ڪڍيو. بعد ۾ لاش کي قانوني ۽ طبي ڪاروائي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر (RHC) بگهاڻ منتقل ڪيو ويو. مقامي ذريعن ۽ پوليس موجب فوتي نوجوان جي سڃاڻپ 38 سالن جي پيار عليءَ جي نالي سان ٿي آهي. جيڪو اصل بدين ضلعي جي شهر نندو جو رهاڪو هو ۽ هتي ڪيٽي بندر واري علائقي ۾ محنت مزدوري جي سلسلي ۾ آيل هو. ضروري طبي ۽ قانوني ڪاروائي مڪمل ڪرڻ بعد اسپتال انتظاميا لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو.

فوتي جو لاش وارث متيءَ ماءُ حوالي ڪرڻ لاءِ سندن اباڻي ڳوٺ (نندو) کڻائي ويا. جنهن ڪانپوءِ علائقي ۾ سوگ واري لهر پکڙجي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 05

ي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي بهتري لاءِ مختلف قدم کڻي رهي آهي. ته جيئن عبادت گاهن ۾ ايندڙ ماڻهن کي بهتر سهولتون ميسر ٿي سگهن. سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي ڀلائي ۽ سندن مسئلن جي حل کي ترجيح ڏئي ٿي. انهن خيالن جو اظهار هن متياري جي دوري دوران ڪيو. ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي ڪجهه ڏينهن اڳ ٽي دري واهه واري هنڌ پوجا پاٺ دوران ٻڏي فوت ٿيل گجراتي هندو برادري جي ٽن نوجوانن ڪمار. انيل ۽ شون جي وارثن سان ملاقات ڪئي ۽ ساڻن تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو. ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي فوت ٿيل نوجوانن جي والدين مڪيش. رميش ۽ ٻين گهرڀاتين سان ملاقات ڪندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ مرحومين جي وارثن سان تعزيت ڪئي. هن چيو ته گجراتي برادري سان پيش آيل هن افسوسناڪ واقعي تي دلي ڏک ۽ افسوس آهي. سنڌ حڪومت، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ اقليتي معاملن وارو کاتو هن ڏکي گهڙيءَ ۾ اوهان جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ هر ممڪن سهڪار ۽ مدد لاءِ تيار آهن. هن چيو ته اقليتي معاملن واري کاتي پاران سوڳوار خاندانن لاءِ ٻه لک رپين جي امداد جو اعلان ڪريان ٿو. جڏهن ته هر ممڪن وڌيڪ مدد ۽ سهڪار پڻ فراهم ڪيو ويندو. هن چيو ته هي هڪ قدرتي حادثو هو. تنهن ڪري هن واقعي لاءِ ڪنهن کي ذميوار قرار نٿو ڏئي سگهجي. ڊاڪٽر شام سندر کي. آڏواڻي چيو ته صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر جي خاص هدايت آهي ته جتي به اقليتي برادري سان ڪو افسوسناڪ واقعو پيش اچي، اتي هر ممڪن مدد ۽ سهڪار فراهم ڪيو وڃي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ اقليتي معاملن وارو کاتو هر ڏکي وقت ۾ اقليتي برادري سان گڏ بيٺل آهي ۽ سندن مسئلن جي حل لاءِ قدم جاري رکيا ويندا. پريا ڪماري بابت ڳالهائيندي ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي چيو ته پريا ڪماري واري معاملي ۾ بي جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم (JIT)جوڙي وئي آهي ۽ ان مان سٺي اميد آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته نئين JITجي جاچ سان هن معاملي ۾ وڌيڪ اڳڀرائي سامهون ايندي. سنڌ جي حوالي سان ڳالهائيندي هن چيو ته اقليتي برادري سڄي سنڌ سان گڏ آهي. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي. هن چيو ته سنڌ ۾ سڀئي برادريون باهمي احترام ۽ هم آهنگي سان رهن ٿيون ۽ اقليتي برادري پڻ سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. بعد ۾ ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي اڏيرو لال مندر پهتو. جتي هن سنڌ حڪومت جي اقليتي معاملن واري کاتي پاران فراهم ڪيل سولر سسٽم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي هن چيو ته مذهبي هنڌن تي بجلي سميت ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ اقليتي برادري جي مذهبي هنڌن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ قدم پڻ کنيا پيا وڃن. هن چيو ته سولر سسٽم جي فراهمي سان مندر ۾ بجلي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ عبادت لاءِ ايندڙ ماڻهن کي بهتر سهولتون ميسر ٿينديون. سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مذهبي هنڌن جي بهتري ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ قدم جاري رکندي. ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسر. هندو برادري جا معزز. سوڳوار خاندانن جا فرد ۽ ٻيا شهري پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 06

سياسي ڪارڪن محمد خان جتوئي جي پهرين ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت ناميار اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جويو ڪئي. جڏهن ته حيدر جويو. احمد خان جتوئي ۽ قربان جتوئي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ ادبي، سياسي ۽ سماجي حلقن سان واسطو رکندڙ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي محمد خان جتوئي جي ادبي، فڪري ۽ قومي جدوجهد واري ڪردار کي ياد ڪندي سندس زندگي، شاعري ۽ لکڻين جي مختلف پاسن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. تقريب کي تاج جويو. حيدر جويو. احمد خان جتوئي. قربان جتوئي. اقرار پيرزادو. ياسر منگي. ادل سولنگي. حبدار سولنگي. طارق جتوئي. ظهير بسمل ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته محمد خان جتوئي رڳو شاعر ۽ ليکڪ نه. پر وطن دوست سياسي ڪارڪن پڻ هو. جنهن جي شاعري ۽ لکڻين ۾ سنڌ سان وابستگي. قومي شعور ۽ مزاحمتي سوچ نمايان نظر اچي ٿي. مقررن چيو ته سنڌ جي قومي ۽ جمهوري جدوجهد جي تاريخ ڪيترن ئي شاعرن. اديبن ۽ ڪارڪنن جي قربانين سان جڙيل آهي. جن سخت سياسي دورن ۾ گرفتاريون. قيد. روپوشي ۽ پابنديون برداشت ڪندي پنهنجي فڪر ۽ وابستگي کي برقرار رکيو. هنن زور ڏنو ته نئين نسل کي محمد خان جتوئي جهڙين شخصيتن جي فڪر. لکڻين ۽ جدوجهد سان متعارف ڪرائڻ ضروري آهي. گڏوگڏ سندس لکيل مواد گڏ ڪرڻ. محفوظ ڪرڻ ۽ ان تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو. تقريب ۾ عبدالخالق سنڌيلو. غلام شبير جتوئي. خالد سنڌي. اسد خان جتوئي. رئيس ڪفيل احمد جتوئي. شهاب الدين جتوئي. محمد خان جتوئي جو وڏو پٽ حيدر بخش جتوئي. خليق ميمڻ. انور ڏنگڙائي. جمن شاهه. اظهر سنڌيلو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي رات دير تائين راڳ رنگ جي محفل پڻ جاري رهي. جنهن ۾ فنڪار عاشق سمون پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي ڀرپور داد حاصل ڪيو

بقايا عوامي سوچ 07

رخاص ۾ I_PeCS جي سهڪار سان ريسڪيو 1122 جي سموري عملي لاءِ صنفي بنياد تي تشدد (Gender_ Based Violence)۽ ٻارن سان ٿيندڙ زيادتي (Child Abuse)جي روڪٿام بابت ٻن ڏينهن وارو تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو. تربيتي پروگرام جو مقصد ريسڪيو 1122 جي عملي ۾ صنفي تشدد ۽ ٻارن سان ٿيندڙ زيادتي جي مختلف قسمن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ. اهڙن واقعن جي متاثر ماڻهن کي بروقت ۽ مناسب مدد فراهم ڪرڻ. شڪايتن جي رپورٽنگ ۽ قانوني توڙي لاڳاپيل ادارن تائين معاملا پهچائڻ جي طريقيڪار بابت عملي جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ هو. تربيتي سيشن دوران ميڊم فڪرالنسا ۽ ريسڪيو 1122 ميرپورخاص جي آفيسر راشد احمد شرڪت ڪندڙن کي صنفي بنياد تي تشدد. ٻارن سان زيادتي. متاثر ماڻهن کي درپيش مسئلن ۽ اهڙن واقعن جي بروقت رپورٽنگ بابت تفصيلي آگاهي فراهم ڪئي. ان موقعي تي تربيت ڏيندڙن پاران عملي کي ٻڌايو ويو ته صنفي تشدد ۽ ٻارن سان زيادتي جا واقعا انتهائي حساس نوعيت جا هوندا آهن. تنهنڪري متاثر ماڻهن سان عزت، همدردي ۽ ذميواري سان پيش اچڻ ضروري آهي. عملي کي اهڙن ڪيسن ۾ متاثر ماڻهن جي رازداري برقرار رکڻ. سندن تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ ضرورت مطابق لاڳاپيل ادارن ڏانهن ڪيس منتقل ڪرڻ بابت پڻ تربيت ڏني وئي. تربيتي پروگرام دوران عملي کي شڪايتون وصول ڪرڻ. متاثر ماڻهن جي صورتحال کي سمجهڻ. بروقت رهنمائي فراهم ڪرڻ ۽ هنگامي حالتن ۾ مناسب قدم کڻڻ بابت عملي مشقون ۽ ضروري معلومات پڻ فراهم ڪئي وئي. ٽريننگ ۾ شرڪت ڪندڙن اهڙي قسم جي تربيتي سرگرمي کي ريسڪيو 1122 جي عملي جي پيشورانه صلاحيتن ۾ واڌ ۽ حساس معاملن کي بهتر نموني منهن ڏيڻ لاءِ اهم قرار ڏنو

بقايا عوامي سوچ 08

ون اسان جي نيڪ خواهشن ۽ مبارڪباد جي لائق آهن. اسان اميد ٿا ڪريون ته الله جي رضا سان. توهان ٻئي پنهنجي نئين ذميوارين کي خلوص، محنت ۽ خدمت جي جذبي سان پورو ڪرڻ ۾ پنهنجو اثرائتو ۽ مثبت ڪردار ادا ڪندا رهندا. هميشه وانگر. فلاحي ڪم. عوامي خدمت ۽ شهري مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ. الله تعاليٰ توهان ٻنهي کي هن نئين ذميواري ۾ ڪاميابي. عزت ۽ ثابت قدمي عطا ڪري ۽ توهان کي ميرپورخاص جي عوام جي خدمت ۾ وڌيڪ ڪاميابي عطا ڪري.

بقايا عوامي سوچ 09

وانگر ميرپورخاص ڊويزن جي اميدوارن لاءِ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ جو انعقاد ڪيو ويو. ميرپورخاص ۾ مير شير محمد خان ٽالپر پبلڪ اسڪول کي امتحاني مرڪز طور نامزد ڪيو ويو. جتي 2093 مرد ۽ عورت اميدوارن ٽيسٽ ۾ حصو ورتو. امتحان جي موقعي تي ميرپورخاص پوليس پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا. امتحان دوران امن امان ۽ ٽرئفڪ جي وهڪري کي يقيني بڻائڻ لاءِ امتحاني مرڪز ۽ ان جي آس پاس ۾ ٽريفڪ پوليس. سي ٽي ڊي. ڊي آءِ بي برانچ. تعلقي پوليس سميت پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي. سيڪيورٽي انتظامن جي نگراني ڊي ايس پي شجاع آباد. ايس ايچ او تحصيل مجيب ناريجو. دانش پٽي. سي ٽي ڊي انچارج اعجازالحق ملڪ. اي ايس آءِ اڪبر چانڊاڻي ۽ انچارج ٽريفڪ پوليس حيدر بلوچ ۽ ٻين پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن ڪئي. پوليس اهلڪار امتحاني مرڪز جي چوڌاري ٽريفڪ جي نگراني سان گڏ سيڪيورٽي جي نگراني ڪندا رهيا.

بقايا عوامي سوچ 10

گاڏهي احتجاج ڪرڻ بعد نيشنل پريس ڪلب جوهي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هڻندي چيو آهي ته ٻه مهينا اڳ ٻن پٽن کي نوڪريون ڏيارڻ جي بهاني حسين پٽي،شوڪت آرائين، مير , نالي20لک روپيا وٺي پوليس ۽ روينيو کاتي ۾ نوڪريون ڏيارڻ جو چيو ۽ بعد ۾ ٻيهر ويري فڪيشن ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ لاءِ آرڊر ڏنا جيڪي جعلي نڪتا هاڻ رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي فراڊ ڪندڙ ٽولو فون نمبر ۽ واٽس ايپ نمبر 03063349013 ۽ 03063748526 بند ڪري ڇڏيا آهن هاڻ ميڊيا ذريعي خبرون هلايون ته ٻئي نمبر تان موتمار ڌمڪيو ملي رهيون آهن هن چيو ته اهڙي فراڊ ڪندڙن خلاف انٽي ڪرپشن ايف آءِ اي اداري ۾ ڪوڙا آرڊر ڏيندڙن خلاف لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن هاڻ منهنجا ٻئي پٽ جئندو ۽ ذوالفقار گاڏهي سعودي عرب جده مان نوڪرين جي لالچ ۾ ويزا ختم ڪرائي پاڪستان پهچي گهر بي روزگار ويٺا آهن جيڪي ذهني مريض بڻجي ويا آهن هن چيو ته مون سميت سڄي سنڌ اندر ڪافي خاندانن کي نوڪرين جي ڪوڙن آرڊرن جي آڙ بهاني لکين رپيا فراڊ ذريعي هڙپ ڪيا آهن هن چيو ته پٽن کي لکين رپيا وياج قرض کڻائي سعودي عرب جده موڪليو هنن فراڊين جي نوڪرين جي ڪوڙي آسري تي اهي لکين رپيا به نقصان پيو آهي جيڪي منهنجي پرڻ ۽ وس کان ڳالهه ٻاهر آهي آخر ۾ هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس وزير اعلي سنڌ, آءِ جي سنڌ، FIA انٽي ڪرپشن نيب سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته جعلي آرڊر ذريعي پئسا هڙپ ڪندڙ فراڊي ٽولي کي گرفتار ڪري مٿن سخت قانوني ڪروائي ڪري منهنجا پئسا واپس ڏياراءِ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

يءَ جو اظهار ميرپورخاص: هندو برادري جي مرشد راماپير جي ميلي تي ويندڙ پانڌيئڙن سان يڪجهتي ۽ محبت جو اظهار ڪندي عيد گل پناهه پنهنجي ايڪسيوٽر مشين تي راماپير جي امن.

محبت ۽ ڀائيچاري جي علامت وارو جهنڊو لڳائي هندو برادري سان يڪجهتي جو پيغام ڏنو. عيد گل پناهه جي ان محبت ڀريي قدم تي هندو برادري جي ماڻهن پاران خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو ۽ سندس لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي ٿورا مڃيا ويا. هندو برادري جي ماڻهن جو چوڻ هو ته محبت. امن ۽ ڀائيچاري تي ٻڌل اهڙا قدم معاشري ۾ مذهبي هم آهنگي، رواداري ۽ هڪ ٻئي لاءِ احترام کي هٿي ڏين ٿا. هنن عيد گل پناهه جي عمل کي ڀائيچاري ۽ بين المذهبي محبت جو سهڻو مثال قرار ڏنو

بقايا عوامي سوچ 12

ڏندڙ منشيات جي وڪري ۽ بدامني جي روڪٿام لاءِ جمعيت علماءِ اسلام يونٽ سونڊا پاران امن جرڳو ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ مذهبي اڳواڻن. چونڊيل نمائندن. سياسي سماجي شخصيتن. استادن صحافين ۽ علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. امن جرڳي ۾ مولانا عبدالوهاب ڪملتي. مولوي سليم عاطف. مولوي شمش الدين شورو،مولانا هاشم شاهه . مولانا هارون رشيد. مولوي عبدالحڪيم سومرو. ضلعي ڪائونسل ميمبر رئيس محمد سليم گندرو. يوسي چيئرمين شاهنواز هيلايو. ڪائونسلر عبدالحميد گندرو. سيد علي حيدر شاهه. ارشاد عمر گندرو. سهراب سولنگي. رحمت الله جاکرو. ماستر عمر قاضي. مکڻ خاصخيلي. غلام حسين سمون. امير معاويه قاضي. راجو سونڊائي. عبدالشور گندرو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جرڳي جي شرڪت ڪندڙن کان راءِ ورتي وئي ته علائقي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جهڙي ناسور جي خاتمي لاءِ کهڙا عملي قدم کنيا وڃن. شرڪت ڪندڙن گڏيل راءِ سان منشيات ۽ ڏوهي سرگرمين جي روڪٿام لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.جرڳي ۾ طئي ڪيو ويو ته ڪميٽي پهرين مرحلي ۾ منشيات فروشن ۽ ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن کي علائقي جي امن ۽ نوجوان نسل جي مستقبل بابت آگاهي ڏيندي ۽ کين اهڙين سرگرمين کان پاسو ڪرڻ لاءِ قائل ڪندي. جڏهن ته جيڪڏهن ان باوجود منشيات جي وڪري ۽ ڏوهي سرگرمين جو سلسلو جاري رهيو ته ڪميٽي لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ۽ انتظامي ادارن سان گڏجاڻي ڪري قانوني ۽ انتظامي لائحه عمل جوڙيندي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته سونڊا ۽ ڀرپاسي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ. منشيات جي خاتمي ۽ نوجوان نسل کي تباهي کان بچائڻ لاءِ گڏيل طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ويندو. امن ڪميٽي ۾ شامل ميمبرن جا نالا: حاجي منور علي هيلايو. رئيس سليم گندرو. شاهنواز هيلايو. مولوي هارون رشيد. مولوي هاشم شاهه. علي حيدر شاهه. عبدالحميد گندرو. ارشاد عمر گندرو. رئيس ممتاز جاکرو. وڏيرو عمر ٿينگو. ريڏنو خاصخيلي. بشير احمد شاهه. سيد شير علي شاهه. عامر خان گندرو. عبدالحليم قاضي. منور کاتيار. احمد هيلايو. رحمت الله جاکرو. عمر قاضي. آفتاب عالم سومرو. سومار ميربحر. الهبخش عرف ڪاڪا خاصخيلي. جهانگير سولنگي ۽ عبدالرشيد سولنگي شامل آهن.

بقايا عوامي سوچ 13

سرينچي ۾ ڪيو ويو.تفصيل موجب فضل ترڪ ۽ سرفراز نظاماڻي وچ ۾ ڪيترن ئي سالن کان زمين جي معاملي تان تڪرار هلندڙ هو. جيڪو بعد ۾ عدالت تائين به پهتو. ڊگهي عرصي تائين هلندڙ معاملي سبب ٻنهي ڌرين جي رضامندي سان معزز شخصيتن جي موجودگي ۾ نبيرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.ان سلسلي ۾ اڄ حاجي منور علي هيلايو جي اوطاق تي ٻنهي ڌرين وچ ۾ فيصلو ڪيو ويو. جنهن بعد تڪرار جو نبيرو ڪندي ٻنهي ڌرين کي کير کنڊ ڪيو ويو.ان موقعي تي فضل ترڪ. سرفراز نظاماڻي. جاويد آرائين. حاجي وحيد آرائين. امير زادو ترڪ نور حسن ترڪ توفيق ترڪ سميت علائقي جون ٻيون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون.

بقايا عوامي سوچ 14

پٽري سخت زخمي , شهري غير محفوظ ٺٽي شهر ۾ رولو ڪتن جو آزار حد کان وڌي ويو آهي. جنهن سبب ڪيترائي شهري ڪتن جي ڪاچ جو شڪار بڻجي رهيا آهن. تفصيل موجب ٺٽي شهر جي پراڻي مڇي مارڪيٽ ۾ رولو ڪتن دي انٽرنيشنل هيومن رائٽس برائيٽ فيوچر ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي انفارميشن سيڪريٽري راجا قريشي تي حملو ڪري کيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو. واقعي بعد شهرين ۾ خوف و هراس پکڙجي ويو آهي. ٺٽي جي شهرين ضلعي انتظاميا ۽ ميونسپل ڪاميٽي کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد ٺٽي شهر ۾ ڪتا مار مهم شروع ڪرائي وڃي ته جيئن شهري محفوظ رهي سگهن ۽ رولو ڪتن جي آزار کان نجات ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 15

بجير جي ڀائيٽي عاشق علي بجير جي شادي جي پُرمسرت تقريب نهايت ئي خوشگوار ۽ پروقار ماحول ۾ منعقد ٿي. جنهن ۾ بجير برادري سميت علائقي جي معزز شخصيتن. ٿرپارڪر جو ناميارو وڪيل ياسر عرفات جوڻيجو ۽ دوستن. مٽن مائٽن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري گهوٽ کي شادي جون دلي مبارڪون پيش ڪيون شادي جي تقريب دوران مهمانن پاران عاشق علي بجير ۽ سندس خاندان لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي نئين جوڙي جي خوشحال ۽ ڪامياب ازدواجي زندگي لاءِ دعائون ڪيون ويون. تقريب ۾ مٽن مائٽن ۽ دوستن پاران خوشيءَ جو ڀرپور اظهار ڪيو ويو. جڏهن ته محفل ۾ روايتي رنگ ۽ خوشين جو ماحول ڇانيل رهيو ان موقعي تي امام الدين بجير ۽ سندس خاندان پاران شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مهمانن. برادري جي معزز ماڻهن ۽ دوستن جو ٿورائتو ٿيندي چيو ويو ته سندن شرڪت خاندان جي خوشين کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو آهي تقريب خوشي. محبت. ڀائپي ۽ سماجي يڪجهتي جي خوبصورت منظرن سان گڏ پڄاڻي تي پهتي.

بقايا عوامي سوچ 16

ر تقريب ٺٽو: جشن صادقين عليه السلام جي پرمسرت موقعي تي امام بارگاهه عون و محمد ع. ڳوٺ سيد روشن علي شاهه پراڻي ڪيمپ، ٺٽي ۾ هڪ عظيم الشان جشن جو اهتمام ڪيو ويو. هن بابرڪت محفل کي خطيب آل محمد جناب مولانا سيد شبيه رضا زيدي خصوصي خطاب فرمايو. جڏهن ته معروف خطيب جناب فياض حسين انقلابي پڻ خطاب ڪيو. محفل ۾ مقامي منقبت خوان محمد مبين ميرجت بهترين منقبت خواني ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. پنهنجي خطاب ۾ مولانا سيد شبيه رضا زيدي فرمايو ته جشن صادقين عليه السلام صرف هڪ جشن ناهي پر هڪ فڪر آهي. هڪ پيغام آهي ۽ سيرت آئمه سان ڳنڍجڻ جو هڪ ذريعو آهي. پروگرام نهايت بهترين ۽ منظم انداز ۾ منعقد ڪيو ويو. آخر ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ شرڪت ڪندڙن ۾ نياز پڻ ورهايو ويو.

بقايا عوامي سوچ 17

شاگرد عاقب علي عالماڻي جو تشدد ٿيل لاش زيرو پوائنٽ ڪيلن جي باغ مان هٿ هڪ ڏينهن اڳ عاقب عالماڻي يونيورسٽي کان گهر ويندي پراسرار نموني گم ٿي ويو هو نواب شاهه سڪرنڊ روڊ تي زيرو پوائنٽ وٽ هڪ باغ مان عاقب عالماڻي جو لاش هٿ ڪيو ويو تازو سال 2026 ۾ ڊيٽا سائنس ۾ داخلا وٺندڙ عاقب عالماڻي جو لاش ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڪيو پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پيپلز ميڊيڪل اسپتال نواب شاهه منتقل ڪيو جتي مقتول جا وارث چاچو ذوالفقار عالماڻي ۽ ٻيا پهتا جن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي نوجوان کي بي دردي سان قتل ڪيو ويو آهي هنن وسوارن کان مطالبو ڪيو ته جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف قائد عوام يونيورسٽي جي شاگردن جو سڪرنڊ روڊ تي نئين ناڪي وٽ احتجاجي مظاهرو ٽائرن کي باهه ڏئي ساڙيو ويو شاگرد عاقب عالماڻي جي قتل واري واقعي خلاف قائد عوام يونيورسٽي جا ڪيترائي شاگرد روڊ تي نڪري آيا شاگرد عاقب عالماڻي جي قتل ۾ ملوث ماڻهن کي فوري طور تي گرفتار ڪري شاگردن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي جيڪڏهن قاتل گرفتار نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي جنهن جي ذميواري پوليس تي هوندي اسان جي پرامن احتجاج کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

ه حضرت عبدالله شاهه اصحابي تي ايندڙ زائرين ۽ عقيدتمندن کي مبينا طور درپيش مسئلن. انتظامي معاملن ۽ مختلف مدن ۾ رقم وصول ڪرڻ بابت شڪايتون سامهون اچڻ لڳيون آهن. جنهن سبب درگاهه جي انتظامن بابت سوال اٿڻ شروع ٿي ويا آهن.زائرين موجب درگاهه تي نئين مينيجر جي مقرري باوجود مبينا طور مينيجر جي باقاعده موجودگي نظر نٿي اچي. جڏهن ته درگاهه جا ڪيترائي انتظام مبينا طور خانگي ماڻهن حوالي ڪيا ويا آهن. زائرين جو چوڻ آهي ته درگاهه تي ايندڙ عقيدتمندن کي مناسب سهولتون فراهم ڪرڻ بدران ڪجهه هنڌن تي خانگي ماڻهن ذريعي مختلف مدن ۾ رقم وصول ڪرڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. زائرين پاران اها به شڪايت ڪئي وئي آهي ته درگاهه تي عقيدت ۽ مذهبي جذبي سان ايندڙ ڪجهه ماڻهن کان مبينا طور رقم طلب ڪئي وڃي ٿي. شڪايت ڪندڙن الزام لڳايو آهي ته ڪجهه ماڻهو زائرين کي اهو تاثر ڏين ٿا ته رقم ڏيڻ سان دعا قبول ٿيڻ ۾ مدد ملندي. جنهن تي زائرين پاران خدشن جو اظهار ڪيو ويو آهي. سندن چوڻ آهي ته دعا جي قبوليت الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي ۽ ان جو ڪنهن فرد کي رقم ڏيڻ يا نه ڏيڻ سان ڪو تعلق نٿو ٿي سگهي. زائرين وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو آهي ته درگاهه جي انتظامن ۾ تازين تبديلين ڪانپوءِ مبينا طور ڪيترين ئي سهولتن ۽ معاملن جو انتظام خانگي ماڻهن حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن بابت شفافيت ۽ نگراني جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. زائرين ۽ عقيدتمندن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته درگاهه جي موجوده انتظامن. مينيجر جي حاضري. خانگي ماڻهن جي ڪردار ۽ زائرين کان مختلف مدن ۾ مبينا طور وصول ٿيندڙ رقم بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي. جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ درگاهه تي ايندڙ زائرين کي مناسب. باعزت ۽ بغير ڪنهن غيرضروري مالي بار جي سهولتون فراهم ٿي سگهن. واضح رهي ته متيان الزام ۽ شڪايتون زائرين پاران ظاهر ڪيل خدشن تي ٻڌل آهن: لاڳاپيل انتظاميا يا مينيجر جو موقف سامهون اچڻ بعد خبر ۾ شامل ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 19

وقت مختلف هنڌن تي باهه وسائڻ جي صلاحيت. فائر فائٽرز لاءِ حفاظتي لباس ۽ جديد سامان پڻ فراهم تفصيل موجب سنڌ حڪومت پاران روهڙي جي شهرين کي باهه ۽ ٻين هنگامي حالتن کان بچاءَ لاءِ جديد فائر بريگيڊ گاڏي فراهم ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ روهڙي فائر برگيڊ آفيس ۾ تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ مڪاني ڪاتي جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي فوڪل پرسن عرفان علي دائود پوٽو نئين فائر بريگيڊ گاڏي هلائي افتتاح ڪيو ۽ گاڏي ميونسپل ڪميٽي روهڙي جي چيئرمين سردار مير يعقوب علي شاهه حوالي ڪئي ان موقعي تي عرفان علي دائود پوٽو چيو ته سنڌ حڪومت صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه جي ڪوشش سان روهڙي جي شهرين کي جديد فائر بريگيڊ جي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي جنهن سان باهه لڳڻ يا ڪنهن ٻي هنگامي صورتحال دوران بروقت امدادي ڪارروايون ڪرڻ ۾ مدد ملندي هن ٻڌايو ته نئين فائر بريگيڊ گاڏي ۾ 7750 ليٽر پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش آهي. جڏهن ته 250 ليٽر فائر فائٽنگ فوم لاءِ پڻ الڳ گنجائش رکيل آهي فوم اهڙي نوعيت جي باهه کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو جنهن تي رڳو پاڻي استعمال ڪرڻ ڪافي نه هجي هن موجب گاڏي ۾ هڪ ئي وقت 6 نوزلز هلائڻ جي صلاحيت موجود آهي جنهن سان باهه جي مختلف حصن تي هڪ ئي وقت پاڻي يا فوم جو ڇنڊو ڪري سگهجي ٿو گاڏي ۾ طاقتور پمپ ۽ وسيع پائپنگ سسٽم پڻ موجود آهي جيڪو پاڻي ۽ فوم کي وڌيڪ دٻاءَ سان باهه لڳل هنڌ تائين پهچائڻ ۾ مدد فراهم ڪندو نئين فائر بريگيڊ گاڏي سان گڏ فائر فائٽرز لاءِ جديد حفاظتي سامان پڻ فراهم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ فائر فائٽنگ سوٽ،حفاظتي هيلمٽ،فائر ريزسٽنٽ دستانا. سيفٽي بوٽس،طاقتور ٽارچون. ريفليڪٽو جيڪٽون. حفاظتي ماسڪ ۽ ٻيو ضروري سامان شامل آهي تقريب ۾ موجود شهرين ۽ ميونسپل ڪميٽي جي نمائندن جديد فائر بريگيڊ گاڏي جي فراهمي کي روهڙي جي شهرين لاءِ اهم سهولت قرار ڏيندي سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين جا ٿورا مڃيا ۽ اميد ظاهر ڪئي ته فائر بريگيڊ عملي کي جديد تربيت پڻ فراهم ڪئي ويندي جيئن نئين سهولت مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهجي تقريب ۾ سيد عمران شاهه.غلام قادر رڪ.فقير لياقت زنگيجو. اڪمل ڪٽپر سميت ميونسپل ڪميٽي جا آفيسر.لاڳاپيل عملدار ۽ فائر بريگيڊ جو عملو پڻ موجود هو

بقايا عوامي سوچ 20

ه ڪئي آهي نه ڪندي عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان جي گرفتاري 27 ڊسمبر واري جلسي کي روڪڻ جي سازش آهي ان وڌيڪ چيو ته هن هن وقت سموري متياري ضلعي جو نظام تباهه ٿي ويو آهي. متياري ضلعي جي ڳوٺن ۾ نه سئي گئس جي سهولت آهي نه روڊن جي ۽ نه وري صحت جي ضلع جي تعليم تباهه آهي متياري ضلعي ۾ منشيات سرعام آهي نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي آهي پوليس منٿلي عيوض ڪاروائي لاءِ تيار ناهي اسان منشيات خلاف ڀٽ شاهه ۾ آڪٽوبر جي مهيني ۾ وڏو جلسو ڪندس جنهن ۾ متياري ضلعي جو عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پنهنجي نوجوان نسل کي منشيات کان پاڪ ڪرائيندا ان موقعي تي ماجد شاهه ۽ عمران تاج ميمڻ ساڻس گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 21

ڪلب جي عهديدارن. ميمبرن ۽ صحافي برادري سندس شاندار آجيان ڪئي ۽ گلن جا هار پارايا ان موقعي تي صحافين چيو ته سيد نصير محمد شاهه هڪ مخلص. ايماندار ۽ صحافت سان محبت ڪندڙ شخصيت آهي. الله تعاليٰ کيس پنهنجي گهر جي حاضري جو شرف بخشيو جيڪا وڏي سعادت آهي سيد نصير محمد شاهه چيو ته حج ۽ عمرو صرف سفر ناهي. الله ڏانهن واپسي آهي. مون حرمين شريفين ۾ سموري صحافي برادري. تندوالهيار جي عوام ۽ پوري پاڪستان لاءِ خاص دعائون گهريون آهن آخر ۾ سيني دوستن. عزيزن ۽ صحافي برادري جو شڪريو ادا ڪيو جن آجيان ڪئي ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي صحافي زوار امتياز حسين خاصخيلي , توصيف احمد قائمخاني , زوار فيروز گل , سيد نيڪ محمد شاهه , منور مستوئي ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 22

ارن تي قبضن جي معاملي تان شهرين وچ ۾ آءِ ڏينهن جهيڙا ۽ ڇڪتاڻ جا واقعا پڻ سامهون اچڻ لڳا آهن. نيشنل هاءِ وي جي ڪنارن تي هوٽلن. دڪانن ۽ ٻين ڪاروباري سرگرمين لاءِ مبينا طور غيرقانوني اڏاوتون ۽ تجاوزات قائم ٿيڻ باوجود لاڳاپيل ادارن پاران اثرائتي ڪارروائي نه ٿيڻ تي شهرين سوال اٿاري ڇڏيا آهن. شهرين جو الزام آهي ته روڊ تان تجاوزات هٽائڻ بدران لاڳاپيل عملو مبينا طور وصولين ۾ مصروف آهي. جنهن سبب تجاوزات جو سلسلو گهٽجڻ بدران وڌندو پيو وڃي. شهرين جو چوڻ آهي ته نيشنل هاءِ وي تي وڌندڙ تجاوزات سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي رهي آهي ۽ ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خدشو موجود آهي. شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته خورشيد چوڪ پرسان نيشنل هاءِ وي تي قائم مبينا تجاوزات جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. روڊ کي تجاوزات کان پاڪ ڪيو وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 23

ن لاءِ نوابشاهه ۾ هزارين شاگرد ۽ شاگرديائيون امتحاني مرڪز تي پهچي ويا نوابشاهه قائد عوام يونيورسٽي ۾ قائم امتحاني مرڪز تي 920 شاگرد جڏهن 1642 شاگرديائيون ايم ڊي ڪيٽ ۾ حصو ورتو انتظاميه پاران اميدوارن جي داخلا. ويهڻ ۽ امتحاني عمل کي ضابطن موجب مڪمل ڪرڻ لاءِ انتظام ڪيا ويا هئا جڏهن ته امتحاني مرڪز تي اميدوارن جي چڪاس ۽ داخلا ڪانپوءِ کين مقرر ڪيل سيٽن تي ويهارڻ جو عمل جاري رهيو جڏهن ته امتحاني مرڪز اندر نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ لاءِ لاڳاپيل عملي کي مقرر ڪيو ويو هيو

بقايا عوامي سوچ 24

ان هاريو ڪري واپس ايندي ڪين موٽرسائيڪل هٽي زخمي ڪري ڪيرائي وڌو. جنهن بعد مبينا طور مٿن مارڪٽ ڪئي وئي. متاثرن جو چوڻ هو ته واقعي ڪانپوءِ بااثر زميندارن خلاف ڀراڻي ميرپور ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ تي ڪين موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ چيو پيو وڃي ته زمين تي آيا ته قتل ڪيو ويندو. هنن ٻڌايو ته هو زميندار رفيق دل جي ٽن ايڪڙ زمين تي هاريو ڪندا آهن. جتي هنن ڪمند. ڦٽي ۽ چئونرن جو فصل پوکيو آهي. جنهن جي سار سنڀال لاءِ زمين تي وڃڻو پوي ٿو. پر ڌمڪين سبب سندن زندگين کي خطرو آهي. متاثر خاندان الزام هنيو ته بااثر زميندارن خلاف حد جي ٿاڻي تي فرياد ڪرڻ باوجود ڪا قانوني ڪارروائي نه ٿي. جڏهن ته مخالف ڌر مان هڪ شخص جو سئوٽ پوليس کاتي ۾ هجڻ سبب مبينا طور کين اثر رسوخ حاصل آهي. متاثر تلسي، جمنا ۽ سورج ڪمار ڊي آءِ جي ميرپورخاص. ايس ايس پي ميرپورخاص سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي. جيئن هو پنهنجي پوکيل فصل جي سار سنڀال ڪري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 25

ليڪچر جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن جو موضوع "استاد جو احترام" هو. ليڪچر دوران شاگردن کي استاد جي اهميت ۽ احترام بابت آگاهي ڏني وئي. ان موقعي تي چيو ويو ته استاد رڳو سبق پڙهائيندڙ نه. پر شاگردن جي ذهنن کي روشني ڏيندڙ. ڪردار سنواريندڙ ۽ زندگيءَ جي راهن ۾ صحيح رخ ڏيکاريندڙ رهنما هوندو آهي. تقريب ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته علم جي سفر جي شروعات عاجزي سان ٿيندي آهي. جڏهن ته حڪمت تائين پهچڻ جو پهريون قدم استاد جو احترام آهي. شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته استاد جو احترام صرف هڪ روايت نه. پر علم. تربيت ۽ انسانيت جو احترام آهي. ڇاڪاڻ ته علم انسان جي ذهن کي روشن ڪري ٿو. جڏهن ته ادب ۽ احترام سندس ڪردار کي خوبصورت بڻائين ٿا.

بقايا عوامي سوچ 26

ي رضوان جتوئي ۽ رضوانه جتوئي پاران ڪورائي برادري جي بااثرن اسماعيل ڪورائي ڀاڳيل ڪورائي صدورو ڪورائي اڪبر جتوئي هاشم جتوئي آغا خان جي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ايس ايس پي خيرپور کان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو تفصيل موجب سڳيون پرسان ڳوٺ فيض محمد جتوئي واسي صوبدار جتوئي سهيل جتوئي رضوان جتوئي ۽ رضوانه جتوئي احتجاجي مظاهري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ ڏنڊي جا رهواسي ڪورائي برادري جا ماڻهو بااثر ۽ ڏوهاري قسم جا ماڻهو آهن اسان کان زبردستي نوجوان ناري رضوانه جتوئي جو سڱ گهري رهي رهيا هئا اسان انڪار ڪيو آهي ته اسان مٿان ڌمرجي پيا آهن ۽ نوجوان ناري رضوانه کي اغوا ڪري زبردستي شادي ڪرائڻ ۽ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته ڪورائي برادري جا مٿي ڄاڻايل ماڻهو اسان کي حراس مينٽ ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته اسان پوليس کي رشوت ڏئي توهان جي مڙني فيملي ميمبرن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندا سون يا سموري فيملي کي گهر ۾ گهڙي قتل ڪنداسون. هن چيو ته اسان کي ڪوبه جاني مالي يا ڪوڙو ڪيس وغيره داخل ٿيو ته ان جا ذميوار مٿي ڄاڻايل ڪورائي برادري ۽ ڪجهه جتوئي برادري جا ماڻهو هوندا اسان ميڊيا ذريعي ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آئي جي سکر کي اپيل ٿا ڪيون ته اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 27

ڪراني مون سان پيار جو پرڻو ڪيو هو. پرهاڻي منهنجو مڙس منشيات جو عادي ٿي ويو آهي ۽ نشي جي حالت ۾ متس تشدد ڪندو آهي عورت جو الزام آهي ته مڙس ڪيس بد ڪرداري جو مبينا الزام هڻي مونکي گهر مان ڪڍي منهنجي ڀاءُ کي به چيو ته تنهنجي ڀيڻ ڀڄي وئي آهي جنهن بعد اهو به مونکان ناراض آهي هن چيو ته منهنجي مٿان منهنجو مڙس ڪوڙا الزام هڻي مونکي بدنام ڪري پاڻ کي بيگناهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هن چيو ته مان 3 ٻارن سميت دربدري واري زندگي گذاري رهي آهيان هن ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد اي ايس پي نوابشاهه در تابش عورتن جي حقن جي تنظيمن ۽ ٻين وسوارن کان مطالبو ڪيو ته مون مٿان لڳل الزام جي جاچ ڪئي وڃي ۽ منهنجي مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مونکي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

بخش عالماڻي حاجي واحد بخش ڀلائي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميهڙ ڊيري کان پريس ڪلب ڄامشورو تائين ريلي ڪڍي رند هوٽل سامهون فلائي اوور پل جي هيٺان ڌرڻو هنيو ڌرڻي ۾ ڄامشورو جي سياسي. سماجي. علمي. ادبي تنظيمن جي اڳواڻن. صحافين. استادن. وڪيلن. شاگردن. دڪاندارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڄامشورو شهر ۽ ان جي ڀرپاسي وارن ڳوٺن. محلن ۽ پاڙن ۾ بجلي جو غير اعلانيل. هٿرادو لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي. حيسڪو عملي پاران ٺيڪيداري نظام ذريعي بجلي بند ڪئي وڃي ٿي. جنهن سان عوام سخت پريشان آهي. ٻئي طرف شهر اندر بدامني وڌي وئي آهي. چوريون. ڦرون عام ٿي ويون آهن ۽ منشيات وڪرجيان وڪرو ٿي رهي آهي جنهن جي ڪري اسان جو نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته بجلي جي غير قانوني لوڊشيڊنگ فوري طور تي ختم ڪئي وڃي. بدامني تي ضابطو آندو وڃي ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪري شهر کي امن جو گهوارو بڻايو وڃي. آخر ۾ انتظاميا کي خبردار ڪيو ويو ته جيڪڏهن مسئلا حل نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 29

جي ٻين ڊويزنن جيان ميرپورخاص ڊويزن جي اميدوارن کان پڻ ايم ڊي ڪيٽ جا ٽيسٽ ورتا پيا وڃن. ميرپورخاص ۾ ٽيسٽ لاءِ مرڪز مير شير محمد خان ٽالپور پبلڪ اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جتي 2093 مرد ۽ عورت اميدوار ٽيسٽ ۾ حصو وٺي رهيا آهن , ٽيسٽ دوران ميرپورخاص پوليس پاران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن. جڏهن ته ٽيسٽ سينٽر ۽ ڀرپاسي ۾ ٽريفڪ پوليس. سي ٽي ڊي. ڊي آءِ بي ۽ تعلقي ٿاڻي جي پوليس سميت وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي. سيڪيورٽي انتظامن جي نگراني ڊي ايس پي شجاع آباد. ايس ايڇ او تعلقه مجيب ناريجو. دانش پٽي ۽ سي ٽي ڊي جو انچارج اعجازالحق ملڪ اي ايس آءِ اڪبر چانڊاڻي انچارج ٽريفڪ پوليس حيدر بلوچ. سميت پوليس اهلڪار ڪري رهيا آهن ..

بقايا عوامي سوچ 30

ي بڻائڻ جو عزم آل پاڪستان مري اتحاد جي مرڪزي چيئرمين مير مهرالدين مري جي اڳواڻي ۾ گولارچي آفيس ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ 20 سيپٽمبر 2026 ع تي گولارچي شهر ۾ ٿيندڙ آل پاڪستاع تي گولارچي شهر ۾ ٿيندڙ آل پاڪستاع تي گولارچي شهر ۾ ٿيندڙ آل پاڪستان مري اتحاد جي گرينڊ اجلاس جي تيارين ۽ انتظامن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سنڌ صوبي جي جنرل سيڪريٽري رئيس حسين احمد مري، سنڌ صوبي جي نائب صدر رئيس دل مراد مري، ضلعي بدين جي صدر رئيس ميرو خان مري، يوٿ ونگ سنڌ جي صدر عامر مراد مري سميت آل پاڪستان مري اتحاد ضلعي بدين جا سمورا معزز ۽ عهديدار شريڪ ٿيا ان موقعي تي مرڪزي چيئرمين مير مهرالدين مري مري برادري جي نالي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو ته 20 سيپٽمبر وارو گرينڊ اجلاس مري برادري جي اتحاد. يڪجهتي ۽ باهمي اتفاق جو اهم مظاهرو هوندو. هن برادري جي بزرگن. نوجوانن ۽ سمورن معززن کي اپيل ڪئي ته هو ڀرپور شرڪت ڪري اجلاس کي ڪامياب بڻائين ۽ اتحاد ۽ يڪجهتي جو عملي ثبوت ڏين مير مهرالدين مري چيو ته مري برادري جي اصل طاقت ان جو اتحاد ۽ باهمي اتفاق آهي. سمورا عهديدار پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ برادري جي ماڻهن کي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ متحرڪ ڪن. هن عزم جو اظهار ڪيو ته آل پاڪستان مري اتحاد کي وڌيڪ منظم. مضبوط ۽ فعال بڻائڻ لاءِ سمورا عهديدار ۽ برادري جا معزز گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا اجلاس جي شرڪت ڪندڙن مير مهرالدين مري جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪندي عهد ڪيو ته 20 سيپٽمبر تي گولارچي ۾ ٿيندڙ گرينڊ اجلاس کي ڀرپور شرڪت ذريعي ڪامياب بڻايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 31

الاهي ڪوڪر. سر سيد روڊ صدر عرفان ڪمبو. آصف شيخ ۽ ٻين ذميوارن سر سيد روڊ جي صورتحال جو جائزو ورتو. ان موقعي تي واپارين ۽ شهرين چيو ته احتجاج ۽ مسلسل آواز اٿارڻ ڪانپوءِ روڊ جو ڪم شروع ته ڪيو ويو. پر اڃا تائين منصوبو مڪمل نه ٿي سگهيو آهي ۽ هاڻي ٻيهر ڪم بند ڪيو ويو آهي. واپاري اڳواڻن جو چوڻ هو ته سر سيد روڊ ميرپورخاص جي اهم شاهراهن مان هڪ آهي. جنهن جي اڌوري تعمير سبب واپارين. شهرين. مسافرن ۽ ٽريفڪ کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن ته ڪاروباري سرگرميون پڻ متاثر ٿي رهيون آهن. هنن چونڊيل نمائندن. ميونسپل ڪارپوريشن. ٻنهي ٽائونز ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته منصوبي ۾ دير جا سبب واضح ڪري رڪيل ڪم فوري طور ٻيهر شروع ڪيو وڃي ۽ مقرر مدي اندر مڪمل ڪيو وڃي. مرڪزي انجمن تاجران جي اڳواڻن چيو ته شهرين کي صرف اعلانن ۽ يقين ڏيارڻ بدران عملي ۽ معياري ترقياتي ڪم گهرجن. جيڪڏهن سر سيد روڊ سميت شهر جي اهم ترقياتي منصوبن تي ڪم فوري طور بحال نه ڪيو ويو ته واپارين ۽ شهرين جي مشاورت سان ايندڙ جو لائحه عمل طئي ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 32

ات سپلائي ڪرڻ جي ڪوشش کي ناڪام بڻائيندي ڪار ڊرائيور پرويز خاصخيلي کي 100 ڪلو خام مال سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار حيدرآباد کان مين پڙي ۾ استعمال ٿيندڙ ڪچو خام مال تندوالهيار ۾ مبارڪ مري. توفيق خاصخيلي ۽ نعمان حيدر دائوداڻي کي پهچائيندو هو. پوليس ڪرولا ڪار ۽ خام مال کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي پرويز خاصخيلي سميت 4 جوابدارن مبارڪ مري توفيق خاصخيلي ۽ نعمان حيدر دائوداڻي مٿان اي سيڪشن ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

گهوڙاٻاري پيرپٽيءَ ۾ ٻارن جي صحت جو ڏينهن ۽ چائلڊ ويلنس ڪيمپ منعقد

ڪيمپ ۾ خاندانن، طبي ماهرن، ڪميونٽي ريسورس پرسنز (CRPs)، رضاڪارن ۽ شراڪتدار ادارن شرڪت ڪئي

چائلڊ ويلنس ڪيمپ دوران ايماندار ڊاڪٽر ساجد شيخ ۽ ڊاڪٽر منصور 300 کان وڌيڪ مريضن، جن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل هئا

آغا خان يونيورسٽي (AKU) جي ٽيم ٻارن کي ويڪسينيشن جون سهولتون فراهم ڪيون

گهوڙاٻاري (رپورٽ شاهه خالد ڏاتاري): اي ڪي آر ايس پي (AKRSP) جي ايس اين آءِ پي (SNIP) منصوبي تحت ضلعي ٺٽي تعلقي گهوڙاٻاري جي يونين ڪائونسل ڪاٺ ڳوٺ حاجي غلام قادر شيخ پيرپٽيءَ ۾ ٻارن جي صحت جو ڏينه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

تلهار پيپلزپارٽي عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي ضلعي بدين ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو پيو وڃي: بيبي ياسمين شاهه

پي پي ايم پي اي بيبي ياسمين شاهه تلهار ۾ اسماعيلي ڪميونٽي جي اڳواڻ سليم خواجا پاران ڏنل آجياڻي واري تقريب کي خطاب

پاڪستان پيپلزپارٽي عوام جي خدمت کي پنهنجي اولين ترجيح سمجهي ٿي ۽ ضلعي بدين ۾ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي

عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن

تلهار (رپورٽ مختيار احمد ملاح) تلهار پيپلز پارٽي عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي ضلعي بدين ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو پيو وڃي عوام جا جائز مسئلا سندن درتي حل ڪريون پيا پي پي ايم پي اي بيبي ياسمين شاهه تلهـا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

روهڙي پرسان باهه چار پورهيتن جا ڪکاون گهر سڙي رک، متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ

نئين آبادي گداڙو ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب چار پورهيتن جا ڪچا گهر مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا

گهرن ۾ پيل گهريلو سامان، ضروري شيون ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ سڙي رک جو ڍير ٿي ويو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي پرسان باهه چار پورهيتن جا ڪکاون گهر سڙي رک، متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ تفصيل موجب روهڙي پرسان ٽنڊو ٻوراهو جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

پڳهاڻ ويجهو ڳوٺ احمد سمون وٽ گذريل ڏينهن هڪ افسوسناڪ حادثو پيش آيو

ڳوٺ پرسان اوچتو درياهه پار ڪرڻ جي ڪوشش دوران هڪ نوجوان پاڻي جي تيز وهڪري جي ور چڙهي ٻڏي فوت ٿي ويو

واقعي جي خبر پوندي ئي مقامي ماڻهن درياهه جي ڪناري پهچي پنهنجي مدد پاڻ تحت جدوجهد ڪري نوجوان جو لاش پاڻي مان ٻاهر ڪڍيو

بعد ۾ لاش کي قانوني ۽ طبي ڪاروائي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر (RHC) پڳهاڻ منتقل ڪيو ويو

ڪيٽي بندر (رپورٽر نادر علي خليفو) پڳهاڻ ويجهو ڳوٺ احمد سمون وٽ گذريل ڏينهن هڪ افسوسناڪ حادثو پيش آيو. ڳوٺ پرسان اوچتو درياهه پار ڪرڻ جي ڪوشش دوران هڪ نوجوان پاڻي جي تيز وهڪري جي ور چڙهي ٻڏي فوت ٿي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مذهبي هنڌن تي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مختلف قدم کڻي رهي آهي: ڊاڪٽر شام سندر ڪي آڏواڻي

جيئن عبادت گاهن ۾ ايندڙ ماڻهن کي بهتر سهولتون ميسر ٿي سگهن. سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي ڀلائي ۽ سندن مسئلن جي حل کي ترجيح ڏئي ٿي

ڪجهه ڏينهن اڳ ٽي دري واهه واري هنڌ پوڄا پاٺ دوران ٻڏي فوت ٿيل گجراتي هندو برادري جي ٽن نوجوانن ڪمار، انيل ۽ شون جي وارثن سان ملاقات ڪئي

ساڻن تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو. ڊاڪٽر شام سندر ڪي آڏواڻي فوت ٿيل نوجوانن جي والدين مڪيش، رميش ۽ ٻين گهرڀاتين سان ملاقات

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ۽ سنڌ ايويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جي چيئرمين ڊاڪٽر شام سندر ڪي آڏواڻي چيو آهي ته سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مذهبي هنڌن ت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڏوڪري ۾ محمد خان جتوئي جي پهرين ورسي، ادبي ۽ قومي خدمتن تي کيس شاندار ڀيٽا پيش ڪئي وئي

تقريب جي صدارت نامياري اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جويو ڪئي

حيدر جويو، احمد خان جتوئي ۽ قربان جتوئي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي

تقريب ۾ ادبي، سياسي ۽ سماجي حلقن سان واسطو رکندڙ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ محمد خان جتوئي جي پهرين ورسي، ادبي ۽ قومي خدمتن تي کيس شاندار ڀيٽا پيش ڪئي وئي. تفصيل موجب ڏوڪري ويجهو ڳوٺ محراب پور ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري پاران وطن دوست شاعر، اديب ۽/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ريسڪيو 1122 عملي لاءِ صنفي تشدد ۽ ٻارن سان زيادتي بابت ٻن ڏينهن جو تربيتي پروگرام

ٻارن سان ٿيندڙ زيادتي (Child Abuse) جي روڪٿام بابت ٻن ڏينهن وارو تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو

شڪايتن جي رپورٽنگ ۽ قانوني توڙي لاڳاپيل ادارن تائين معاملا پهچائڻ جي طريقيڪار بابت عملي جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ هو

متاثر ماڻهن کي درپيش مسئلن ۽ اهڙن واقعن جي بروقت رپورٽنگ بابت تفصيلي آگاهي فراهم ڪئي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) ريسڪيو 1122 عملي لاءِ صنفي تشدد ۽ ٻارن سان زيادتي بابت ٻن ڏينهن جو تربيتي پروگرام ميرپورخاص سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس ريسڪيو 1122 جي ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر ميرپو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7



محمد ابراهيم اورڪزئي کي جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد

ٻنهي معزز شخصيتن کي مليل اهي ذميواريون اسان جي نيڪ خواهشن ۽ مبارڪباد جي لائق آهن

محنت ۽ خدمت جي جذبي سان پورو ڪرڻ ۾ پنهنجو اثرائتو ۽ مثبت ڪردار ادا ڪندا رهندا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) آئمه ايڪشن ڪميٽي ميرپورخاص ۽ جمعيت علماءِ اسلام ميرپورخاص جي طرفان، اسان محمد عبيدالله عرف ساجد اورڪزئي کي يو پشتون اتحاد ميرپورخاص سٽي جو صدر ۽ محمد ابراهيم اورڪزئي کي جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. ٻنهي معزز شخصيتن کي مليل اهي ذميوار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ميرپورخاص ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ، 2093 اميدوارن حصو ورتو، سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا

ميرپورخاص ۾ مير شير محمد خان ٽالپر پبلڪ اسڪول کي امتحاني مرڪز طور نامزد ڪيو ويو

جتي 2093 مرد ۽ عورت اميدوارن ٽيسٽ ۾ حصو ورتو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) ميرپورخاص ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ، 2093 اميدوارن حصو ورتو، سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا. تفصيل موجب، سنڌ ٽيسٽنگ سروس سنڌ (ايس ٽي ايس) جي سرپرستي هيٺ ٻين ڊويزن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

روهڙي کي جديد فائر بريگيڊ جي سهولت، 7750 ليٽر پاڻي ۽ 250 ليٽر فوم جي گنجائش

6 روهڙي کي جديد فائر بريگيڊ جي سهولت، 7750 ليٽر پاڻي ۽ 250 ليٽر فوم جي گنجائش

فائر فائٽرز لاءِ حفاظتي لباس ۽ جديد سامان پڻ فراهم

روهڙي (رپورٽ: جمال ڪٽپر) روهڙي کي جديد فائر بريگيڊ جي سهولت، 7750 ليٽر پاڻي ۽ 250 ليٽر فوم جي گنجائش، 6 نوزلز سان هڪ ئي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

درگاهه حضرت عبدالله شاهه اصحابي تي زائرين کي مبينا مسئلا

مختلف مدن ۾ رقم وصول ڪرڻ جون شڪايتون

لاڳاپيل انتظاميا يا مينيجر جو موقف سامهون اچڻ بعد خبر ۾ شامل ڪيو ويندو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) درگاهه حضرت عبدالله شاهه اصحابي تي زائرين کي مبينا مسئلا. مختلف مدن ۾ رقم وصول ڪرڻ جون شڪايتون درگاهه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

نوجوان شاگرد عاقب علي عالماڻي جو تشدد ٿيل لاش زيرو پوائنٽ ڪيلن جي باغ مان هٿ

هڪ ڏينهن اڳ عاقب عالماڻي يونيورسٽي کان گهر ويندي پراسرار نموني گم ٿي ويو هو

نواب شاهه سڪرنڊ روڊ تي زيرو پوائنٽ وٽ هڪ باغ مان عاقب عالماڻي جو لاش هٿ ڪيو ويو

نواب شاهه (رپورٽر) قائد عوام يونيورسٽي نواب شاهه ۾ پڙهندڙ ناروشاهه لڳ ڳوٺ شادي خان عالماڻي ضلعي نوشهرو فيروز جي رهواسي نوجوان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڳوٺ سيد روشن علي شاهه پراڻي ڪيمپ ۾ جشن صادقين عليه السلام جي حوالي سان پروقار تقريب

ڳوٺ سيد روشن علي شاهه پراڻي ڪيمپ، ٺٽي ۾ هڪ عظيم الشان جشن جو اهتمام ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) امام بارگاهه عون و محمد ع ڳوٺ سيد روشن علي شاهه پراڻي ڪيمپ ۾ جشن صادقين عليه السلام جي حوالي سان پروقا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

انفارميشن سيڪريٽري نويد ٻجير جي ڀائٽي عاشق علي ٻجير جي شادي جي پُرمسرت تقريب

ياسر عرفات جوڻيجو ۽ دوستن، مٽن مائٽن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت

گهوٽ کي شادي جون دلي مبارڪون پيش ڪيون

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد ٻجير) ڊيپلو جي مزدور اڳواڻ امام الدين ٻجير جي ننڍي ڀاءُ ۽ پريس ڪلب نئون ڪوٽ جي انفارميشن سيڪريٽري نويد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

آواره ڪتن جو آزار وڌي ويو

دي انٽرنيشنل هيومن رائيٽس برائيٽ فيوچر ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جو انفارميشن سيڪريٽري سخت زخمي

شهري غير محفوظ، ٺٽي شهر ۾ رولو ڪتن جو آزار حد کان وڌي ويو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) آواره ڪتن جو آزار وڌي ويو. دي انٽرنيشنل هيومن رائيٽس برائيٽ فيوچر ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جو انفارميشن سيڪر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سونڊا ۾ سرفراز نظاماڻي ۽ فضل ترڪ وچ ۾ ڪافي عرصي کان هلندڙ زميني تڪرار جو نبيرو

زميني تڪرار جو نبيرو حاجي منور علي هيلايو جي سرپنچي ۾ ڪيو ويو

فضل ترڪ ۽ سرفراز نظاماڻي وچ ۾ ڪيترن ئي سالن کان زمين جي معاملي تان تڪرار هلندڙ هو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) سونڊا ۾ سرفراز نظاماڻي ۽ فضل ترڪ وچ ۾ ڪافي عرصي کان هلندڙ زميني تڪرار جو نبيرو حاجي منور علي هيلايو جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

سونڊا ۾ وڌندڙ منشيات ۽ بدامني خلاف امن جرڳو

منشيات جي وڪري ۽ بدامني جي روڪٿام لاءِ جمعيت علماءِ اسلام يونٽ سونڊا پاران امن جرڳو ڪوٺايو ويو

مذهبي اڳواڻن، چونڊيل نمائندن، سياسي سماجي شخصيتن، استادن صحافين ۽ علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) سونڊا ۾ وڌندڙ منشيات ۽ بدامني خلاف امن جرڳو. گڏيل حڪمت عملي لاءِ ڪميٽي قائم سونڊا ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ و/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

عيد گل پناڻ پاران راماپير جي ميلي تي ويندڙ پانڌيئڙن سان يڪجهتي جو اظهار

هندو برادري جي مرشد راماپير جي ميلي تي ويندڙ پانڌيئڙن سان يڪجهتي ۽ محبت جو اظهار

هنن عيد گل پناڻ جي عمل کي ڀائيچاري ۽ بين المذهبي محبت جو سهڻو مثال قرار ڏنو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) عيد گل پناڻ پاران راماپير جي ميلي تي ويندڙ پانڌيئڙن سان يڪجهتي جو اظهار، هندو برادري پاران خوش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

رٽائرڊ پرائمري استاد ۽ قومي امن ڪاميٽي ضلع دادو چيئرمين شاهه محمد گاڏهي احتجاج

بعد ۾ ڀيهر ويري فڪيشن ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ لاءِ آرڊر ڏنا

جيڪي جعلي نڪتا هاڻ رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) جوهي لڳ ڳوٺ شهمير گاڏهي جو رهواسي رٽائرڊ پرائمري استاد ۽ قومي امن ڪاميٽي ضلع دادو چيئرمين شاهه محمد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

پي ٽي آئي اڳواڻ مخدوم محسن اوڏيرولال اسٽيشن پهتو عوامي پريس ڪلب اوڏيرولال اسٽيشن ۾ اهم پريس ڪانفرنس

پي ٽي آئي ڪڏهن به نون صوبن ۽ انتظامي يونٽ جي حمايت نه ڪئي آهي

نه ڪندي عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان جي گرفتاري 27 ڊسمبر واري جلسي کي روڪڻ جي سازش آهي

هن وقت سموري مٽياري ضلعي جو نظام تباهه ٿي ويو آهي، مٽياري ضلعي جي ڳوٺن ۾ نه سئي گئس جي سهولت آهي

اوڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) پي ٽي آئي اڳواڻ مخدوم محسن اوڏيرولال اسٽيشن پهتو عوامي پريس ڪلب اوڏيرولال اسٽيشن ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پي ٽي آئي ڪڏهن به نون صوبن ۽ انتظامي يونٽ جي حمايت ن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

نصير محمد شاهه کي عمري جي سعادت حاصل ڪري بخيريت وطن واپس پهچڻ تي صحافين پاران گلن جي ورکا

ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جي عهديدارن، ميمبرن ۽ صحافي برادري سندس شاندار آجيان ڪئي ۽ گلن جا هار پارايا

سيد نصير محمد شاهه هڪ مخلص، ايماندار ۽ صحافت سان محبت ڪندڙ شخصيت آهي

الله تعاليٰ کيس پنهنجي گهر جي حاضري جو شرف بخشيو جيڪا وڏي سعادت آهي سيد نصير محمد شاهه

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جي صدر سينيئر صحافي سيد نصير محمد شاهه کي عمري جي سعادت حاصل ڪري بخيريت وطن واپس پهچڻ تي صحافين پاران گلن جي ورکا ڪري استقبال ڪيو ويو جڏهن ته ٽنڊوالهيار پريس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

خورشيد چوڪ پرسان نيشنل هاءِ وي تي تجاوزات ۾ واڌ، شهرين ۾ ڇڪتاڻ

نيشنل هاءِ وي تي وڌندڙ تجاوزات سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي رهي آهي: مقامي رهواسي

تجاوزات جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، روڊ کي تجاوزات کان پاڪ ڪيو وڃي: مطالبو

ڄامشورو (رپورٽر) خورشيد چوڪ پرسان نيشنل هاءِ وي جي ڪنارن تي مبينا طور روزانو جي بنياد تي تجاوزات وڌڻ لڳيون آهن. جڏهن ته روڊ جي ڪن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

نوابشاهه قائد عوام يونيورسٽي ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ لاءِ سينٽر قائم، جتي 2562 اميدوارن امتحان ڏنو

سنڌ جي ميڊيڪل يونيورسٽين ۽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ايم ڊي ڪيٽ پري انٽري ٽيسٽ منعقد

جنهن لاءِ نوابشاهه ۾ هزارين شاگرد ۽ شاگرديائيون امتحاني مرڪز تي پهچي ويا

نوابشاهه قائد عوام يونيورسٽي ۾ قائم امتحاني مرڪز تي 920 شاگرد جڏهن 1642 شاگرديائيون ايم ڊي ڪيٽ ۾ حصو ورتو

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه قائد عوام يونيورسٽي ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ لاءِ سينٽر قائم، جتي 2562 اميدوارن امتحان ڏنو سنڌ جي ميڊيڪل يونيورسٽين ۽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ايم ڊي ڪيٽ پري انٽري ٽيسٽ منعقد ٿي جن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

زمين تان واپسي دوران موٽرسائيڪل هيٺ زخمي ڪرڻ ۽ موتمار ڌمڪين جو الزام، متاثر خاندان جو تحفظ لاءِ احتجاج

شهزيب، لياقت، صدام ۽ ڪارو دل نالي ماڻهن زمين تان هارپو ڪري واپس ايندي کين موٽرسائيڪل هيٺ زخمي ڪري ڪيرائي وڌو

واقعي کانپوءِ بااثر زميندارن خلاف پراڻي ميرپور ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ تي کين موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن

زمين تي آيا ته قتل ڪيو ويندو. هنن ٻڌايو ته هو زميندار رفيق دل جي ٽن ايڪڙ زمين تي هارپو ڪندا آهن

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي مالهي ڪالوني واسي تلسي پنهنجي گهرواري جمنا ۽ پٽ سورج ڪمار سان گڏ ايوان صحافت پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته شهزيب، لياقت، صدام ۽ ڪارو دل نالي ماڻهن زمين ت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ميرپورخاص جي مالهي ڪالوني واسي تلسي پنهنجي گهرواري جمنا ۽ پٽ سورج ڪمار سان گڏ ايوان صحافت پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي

بدين جي ريني سائنس اسڪول ۾ فڪري ليڪچر جو انعقاد

بدين: (ڊ ر) دي ريني سائنس اسڪول اينڊ ڪاليج بدين جي الياس هال ۾ شاگردن لاءِ هڪ فڪري ۽/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

سڳيون پرسان ڪورائي برادري جي بااثرن خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

سڳيون (رپورٽر) سڳيون پرسان ڳوٺ فيض محمد جتوئي واسي صوبيدار جتوئي سهيل جتوئي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد دولت ڪالوني واسڻ پروين مڪراڻي پاران مڙس جي مبينا تشدد ۽ زيادتين خلاف احتجاج

8 سال اڳ صفدر مڪراڻي مون سان پيار جو پرڻو ڪيو هو، پر هاڻي منهنجو مڙس منشيات جو عادي ٿي ويو آهي

منهنجي مٿان منهنجو مڙس ڪوڙا الزام هڻي مونکي بدنام ڪري پاڻ کي بيگناهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

مون مٿان لڳل الزام جي جاچ ڪئي وڃي ۽ منهنجي مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مونکي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوابشاهه (رپورٽر) ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد دولت ڪالوني واسڻ پروين مڪراڻي پاران مڙس جي مبينا تشدد ۽ زيادتين خلاف نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 8 سال اڳ صفدر م/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڄامشورو ۾ بجلي جي غير قانوني بندش، هٿرادو ڊي-فٽنيگ ۽ ٺيڪيداري نظام، وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج

سماجي، علمي، ادبي تنظيمن جي اڳواڻن، صحافين، استادن، وڪيلن، شاگردن، دڪاندارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڄامشورو شهر ۽ ان جي پرپاسي وارن ڳوٺن، محلن ۽ پاڙن ۾ بجلي جو غير اعلانيل، هٿرادو لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي

حيسڪو عملي پاران ٺيڪيداري نظام ذريعي بجلي بند ڪئي وڃي ٿي، جنهن سان عوام سخت پريشان آهي

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ۾ بجلي جي غير قانوني بندش، هٿرادو ڊي-فٽينگ ۽ ٺيڪيداري نظام، وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي کلم کلا وڪري خلاف ڄامشورو عوامي اتحاد جي سڏ تي سوين شهرين عرفان برفت، روشن برهماڻي، ساگر الاهي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڄامشورو ۾ بجلي جي غير قانوني بندش، هٿرادو ڊي-فٽنيگ ۽ ٺيڪيداري نظام، وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪندي

نجي ٽيسٽنگ اداري سنڌ ٽيسٽنگ سروس پاران سنڌ جي ٻين ڊويزن جيان ميرپورخاص ڊويزن جي اميدوارن کان پڻ ايم ڊي ڪيٽ جا ٽيسٽ ورتا

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص: نجي ٽيسٽنگ اداري سنڌ ٽيسٽنگ سروس پاران سنڌ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

آل پاڪستان مري اتحاد جو اهم اجلاس، مختلف معاملن تي غور ويچار

بدين (ڊ ر) مير مهرالدين مري جي اڳواڻي ۾ اجلاس، 20 سيپٽمبر جي گرينڊ اجلاس جي تاريخ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ميرپورخاص ۾ ترقياتي ڪمن جي ڪوٽ، سر سيد روڊ جو اڌورو منصوبو شهرين لاءِ عذاب بڻجي ويو

بنيادي شهري مسئلن ۽ ترقياتي ڪمن جي سست رفتاري تي مرڪزي انجمن تاجران ميرپورخاص سنڌ پاران سخت ڳڻتي جو اظهار

جنرل سيڪريٽري محبوب الاهي ڪوڪر، سر سيد روڊ صدر عرفان ڪمبو، آصف شيخ ۽ ٻين ذميوارن سر سيد روڊ جي صورتحال جو جائزو ورتو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) شهر ۾ بنيادي شهري مسئلن ۽ ترقياتي ڪمن جي سست رفتاري تي مرڪزي انجمن تاجران ميرپورخاص سنڌ پاران سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي سر سيد روڊ جو رڪيل ترقياتي ڪم فوري طور ٻيهر شروع ڪري مڪمل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. مرڪزي انجمن تاجران جي مرڪزي سينيئر نائب صدر حافظ سميع الله، جنرل سيڪريٽري محبوب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ٽنڊوالهيار ۾ منشيات سپلائي جي ڪوشش ناڪام

ڪار ڊرائيور پرويز خاصخيلي کي 100 ڪلو خام مال سميت گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوبدار حيدرآباد کان ڪچو خام مال ٽنڊوالهيار پهچائيندو هو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار وومين پوليس جي ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪار ذريعي منشيات سپلائي ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي. ايس ايڇ او وومين ثمينه گل لغاري ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪندي ڪرولا ڪار ذريعي منش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32